محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# انساني شخصيت ۾ ڪتل بت
# حسد جو بت

## ”حسد جو بت“
## ۽ ان جا زهريلا نقصانات.

هڪ وڏي بيماري، جنهن معاشري کي، اخلاقي اعتبار کان، لوڏي ڇڏيو آهي، ۽ ماڻهن کي هڪٻئي سان متصادم ڪري، ادارن، جماعتن ۽ تنظيمن ۾ گهرن ۾، شديد وڳوڙ پيدا ڪيو آهي اها، ” حسد “ جي بيماري آهي، جيڪا ڏينهون ڏينهن، تيزيءَ سان وڌي پئي.

” حاسد “ نہ چاهيندي بہ ٻين جي، دنياوي روحاني ۽ اخلاقي وعملي ترقي ۽ شهرت کان، ” سڙڻ، پچڻ“ جي احساس ۾ بيتاب ٿيڻ لڳي ٿو اها بيتابي هنکي دوستن ۽ ساٿين ۽ عزيزو اقارب جي خلاف حاسدانہ ڪار روائيون ڪرڻ تي اياري ۽ مجبور ڪري ٿي، اهڙي طرح، حسد جي نفسيات معاشري ۾ شيطاني ڪردار ادا ڪندي، ادارن، خاندانن ۽ گهرن جي ٽوڙ ڦوڙ ۽ دوستن جي جدائي جو ذريعو بڻجي ويندي آهي.

ڪنهن اهل الله جو بيان ڪيل هڪ نڪتو ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هوم تہ اسان کي عام ماڻهن کان وڌيڪ، علمي شخصيتن جي حسد جو خطرو رهندو آهي، تہ ” ڪٿي هنن جو حسد، معاشري ۾، نہ اجهامڻ واري باهہ نہ ٻاري ڇڏي، سموريون ڪوششون ڪرڻ جي باوجود جنهن کي، وسائڻ، ماڻهوءَ جي وس ۾ نہ هجي“ .

” حسد “ هڪڙو ” بي لذت گناهہ “ آهي، حسد جي جذبي کان مغلوب ماڻهو حق ۽ سچائيءَ کي ڄاڻندي بہ، رڳو اندر جي ساڙ سبب، انڪار جي راه تي گامزن رهي ٿو اهو هر گهڙي ” پڃرڻ “ فرد کي اندران ئي اندران جسماني



۽ روحاني اعتبار سان، کوکلو ڪري ڇڏي ٿو_ حسد جو نتيجو ادارن جماعتن ۽ گهرن جي بربادي‌ءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو_ حاسد کي ان مان سواءِ تڪليف ۽ اذيت جي، ڪجهہ بہ هٿ حاصل نٿو ٿئي.

## ”حسد“ قرآن شريف ۽ حديث پاڪ جي نظر ۾“

قرآن پاڪ ۾ اهل ڪتاب جي حسد جو ذڪر ڪندي فرمايو ويو آهي تہ،

ود ڪثيرمن اهل الڪتاب لويردونڪم من بعد ايمانڪم ڪفارا حسدا من عند انفسهم من بعد ماتبين لهم الحق . ( سورة، البقر آيت 109 )

اهل ڪتاب مان گهڻا، دل سان اهو چاهين ٿا تہ تو کي، ايمان آڻڻ کانپوءِ، واپس ڪفر ڏانهن موٽائين، اهو رڳو ان حسد جيڪري آهي جيڪو حق جي پڌري ٿيڻ کانپوءِ سندن دل ۾ ( پوشيده ) آهي )

الله سائينءَ قرآن پاڪ ۾ ” حسد ڪرڻ وارن جي شر “ کان پناهہ گهرڻ جو طريقو سيکاريو آهي، ” ومن شر حاسد اذا حسد “ ( توهان چئو تہ) پناهہ گهران ٿو) حسد ڪرڻ وارن جي شر کان جڏهن، اهو حسد ڪرڻ لڳي. )

هڪڙي حديث شريف ۾ آهي تہ، رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ،

” حسد “ نيڪين کي ائين کائي ٿو جيئن باهہ، سڪل ڪاٺين کي کائيندي آهي.“

ٻي حديث ۾ پاڻ سڳورن فرمايو تہ، ايمان “ ۽ ” حسد “ گڏ نٿا رهي سگهن، يعني، جنهن دل ۾ ايمان هوندو تہ اتي ” حسد “ سمائجي نٿو سگهي. ( ٻين لفظن ۾ ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ ” مؤمن “ ڪڏهن بہ حسد نٿو ڪري ۽، ” حاسد “ ” ايمان “ جي دائري مان خارج آهي، مترجم )

” حسد “ جي باري ۾، هن کان وڌيڪ، ٻيو ڪهڙو انتبهاه ٿي سگهي ٿو، جو دل ۾، حاسدانہ ۽ رقيبا نہ خيالات ۽ جذبات پيدا ٿيندي ئي ايمان موڪلا ئي ٿو وڃي، ” ايمان “ جهڙي نعمت کي، حاسدانہ جذبات پالڻ ۽ حاسدانہ ڪاروائين ۾ ضايع ڪرڻ وڏو نقصان آهي، ايمان تہ اهڙي عظيم نعمت آهي

جو ان جي لاءِ جان ومال ۽ سڄي دنيا جي دولت کي قربان ڪري ڇڏڻ، سستو سؤدو آهي.

اهڙا باطني جذبات جيڪي نفس ۽ شيطان جا پيدا ڪيل آهن، انهن کان هوشيار ٿي، ايمان جي حفاظت ڪرڻ ۽ ايمان جي دولت سان مالا مال ٿي دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ " اهو ئي هڪڙي مؤمن، مسلمان جي زندگيءَ جو "مقصد " هئڻ گهرجي .

## "حسد
## اڪابر بزرگن جي نظر ۾"

حسد جي بيماري، ان جي نوعيت، ان جي لاءِ ڳڻتي ۽ ان بيماريءَ جي خطرناڪي ۽ ان کان بچاءَ جي تدابير، جهڙن موضوعن تي، ديني بزرگن جي قولن ۾ اسان جي لاءِ رهنمائيءِ جو وڏو سامان موجود آهي، انهيءَ سلسلي ۾ هتي، وڏن بزرگن جا قول پيش ڪجن ٿا.

حسد جي موضوع تي، "امام ابوالقاسم عبدالڪريم " پنهنجي ڪتاب رسالہ القشيريہ ( جيڪو تصوف جي بنيادي ڪتابن ۾ شامل آهي) بزرگن جي اقوال جي حوالي سان، گهڻو قيمتي بحث ڪيو آهي، هتي، ان ڪتاب مان، تفصيلي حوالا نقل ڪجن ٿا:

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته.

" اي نبي ! توهان ائين چئو ته، آئون، صبح جي رب جي پناهه وٺان ٿو، انهن شين کان، جن کي هن پيدا ڪيو آهي".

ان کان پوءِ فرمايائون، " ومن شر حاسد اذا حسد " ( ۽ جڏهن، حاسد حسد ڪري ته ان جي بہ، شر کان، پناهه گهران ٿو". ) الله تعاليٰ، هن سورة کي ( جنهن کي الله سائين تعويذ قرار ڏنو آهي ) "حسد " جي ذڪر تي ختم ڪيو آهي، حضرت ابن مسعود روايت ڪن ٿا ته، نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو " ٽي شيون، هر گناهه جي پاڙ آهن انهن کان ڊڄو ۽ انهن کان بچو ( تڪبر، حرص ۽ حسد ) تڪبر کان بچو ڇو ته، تڪبر ئي هو جنهن جي ڪري، ابليس، آدم عليہ السلام کي سجدو نہ ڪيو، حرص کان بچو، ڇو ته



آدم عليہ السلام کي " حرص " ئي "وڻ جو ميوو کائڻ تي مجبور ڪيو ۽ "حسد " کان بچو ڇو ته حضرت آدم عليہ السلام جي ٻن پٽن مان، هڪڙي پٽ کي حسد ئي اشتعال ۾ آندو ته، پنهنجي ڀاءَ کي قتل ڪري وڌائين".

ڪنهن داناء جو قول آهي ته " حاسد " انڪار ڪرڻ وارو آهي، ڇو ته هو " واحد " ( الله سائين ) جي قضاتي راضي نٿو رهي. هو نئن بہ چيو ويو آهي ته " حاسد" سردار نٿو بڻجي سگهي.الله تعاليٰ جي فرمان " قل انما حرم ربي الفواحش ماظهر منها وما بطن" ۾ " مابطن " جي تشريح، ڪنهن عالم، " حسد " سان ڪئي آهي، ۽ اهو پڻ هڪ ڪتاب ۾ آيو آهي ته، حاسد منهنجي نعمتن جو دشمن آهي...

ڪنهن ( ڏاهي ) جو قول آهي ته، "حسد" جو اثر، دشمن تي ظاهر ٿيڻ کان پهرين حسد ڪرڻ واري تي ظاهر ٿئي ٿو " اصمعي رحہ" فرمايو تہ مون، هڪڙي بدويءَ کي ڏٺو جيڪو هڪ سؤ ويهہ سالن جي ڄمار جو هو مون هن کي چيو تہ تنهنجي عمر ڪيتري تہ وڏي آهي تہ، هن چيو تہ مون، " حسد " ڪرڻ ڇڏي ڏنو تہ ائين آئون بچي ويس ." (عافيت ۾ رهيس )

" ابن المبارڪ " فرمائين ٿا تہ، " شڪر آهي ان الله ج جو جنهن منهنجي امير جي دل ۾ اها ڳالهہ وڌي جيڪا منهنجي " حاسد " جي دل ۾ آهي ."

هڪڙي حديث مبارڪ ۾ آهي تہ، پنجين آسمان تي هڪڙو فرشتو آهي، جڏهن ڪنهن ٻانهي جو عمل، هن وٽان لنگهي ٿو ۽ هن جي روشني سج وانگر هوندي آهي تہ، هي فرشتو چوندو آهي تہ، ٿورو بيهو، آئون " حسد" جو فرشتو آهيان ( ۽ هن " عمل " ۾ " حسد " جي ملاوٽ آهي ) تنهن ڪري اهو عمل ڪرڻ واري جي منهن تي اڇلائي هڻندس ڇو تہ، هي شخص حاسد آهي .

حضرت مغويہ رضہ " فرمائين ٿا تہ، آئون هر ماڻهوءَ کي راضي ڪري سگهان ٿو سواءِ " حاسد " جي، ڇو تہ هو هن ڳالهہ کان سواءِ راضي ٿيڻو ئي ناهي جو " مليل نعمت مون کان کسجي وڃي."

چيو ويچي ٿو ته "حسد"ڪرڻ وارو اهڙو ظالم هوندو آهي جو"نه ڪنهن شئي کي باقي رهڻ ڏئي ٿو نه ڇڏي ٿو".

" عمر بن عبد العزيز " فرمائين ٿا ته " مون، " حاسد " کان وڌيڪ ڪنهن " ظالم کي مظلومن جهڙو نه ڏٺو ڇو ته، " حاسد " سدائين غمگين رهي ٿو چيو ويچي ٿو ته، " حاسد " جي نشاني اها آهي ته هو جڏهن توهان جي، سامهون اچي ته، " چاپلوسي " ( منهن تي تعريف ) ڪري ۽ پرپٺ توهان جي گلا ڪري ۽ جنهن سان حسد ڪيو ويچي ٿو ( محسود ) ان تي ڪا مصيبت نازل ٿئي ته هو خوش ٿئي ٿو.

حضرت معاويه رضه فرمائين ٿا ته "شر"جي خصلتن مان، ڪا خصلت " حسد " کان وڌيڪ انصاف واري ناهي ڇاڪاڻ ته، اها " محسود " کان پهرين " حاسد " کي تباهه ڪري ٿي .

چيو ويچي ٿو ته الله تعاليٰ، حضرت سليمان بن دائود " عليه السلام ڏانهن وحي موڪلي ته آئون، توکي ستن ڳالهين جو حڪم ڏيان ٿو ته، " منهنجي نيڪ ٻانهن جي غيبت نه ڪجانءِ ۽ منهنجي ٻانهن مان ڪنهن سان به، " حسد " نه ڪجانءِ " ته سليمان عليه السلام عرض ڪيو ته، اي منهنجا رب ! منهنجي لاءِ بس ايترو ئي ڪافي آهي".

روايت آهي ته حضرت موسيٰ عليه السلام، هڪڙي شخص کي "عرش" وٽ ڏٺو ته حضرت موسيٰ کي ان تي رشڪ آيو جڏهن ان جي تعريف پڇائين ته، جواب مليس ته هي ماڻهو ٻين سان، انهن " نعمتن " تي " حسد " نه ڪندو هو جيڪي هنن کي، الله سائينءَ عطا فرمايون هيون."

چوندا آهن ته، "حاسد" جڏهن ڪنهن وٽ، الله تعاليٰ جي ( عطا ڪيل ) "نعمت " ڏسي ٿو ته، پريشان ٿئي ٿو ۽ جڏهن ان شخص جي ڪا لغزش ڏسي ٿو ته، خوش ٿئي ٿو".

۽ اهو پڻ چيو ويندو آهي ته جيڪڏهن توهان، ڪنهن حاسد کان بچڻ چاهيو ته، "پنهنجاڪم ڪار " هن ( حاسد ) وانگر، سرانجام ڏيو" چون ٿا ته، حاسد کي ان ڳالهه تي گهڻي ڪاوڙ ايندي آهي " جنهن جو ڪو گناهه



ڪونهي ۽ جيڪي شيون هن جي ملڪيت ۾ به ناهن، انهن تي بخل ڪري ٿو."

( ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته، " حاسد کي دوست بنائڻ جي لاءِ پاڻ کي تڪليف ۾ نه وجهه ڇو ته، هو تنهنجو احسان قبول ڪونه ڪندو".

چوندا آهن ته، جڏهن الله تعاليٰ، پنهنجي ڪنهن ٻانهي تي ڪو اهڙو دشمن مسلط ڪرڻ چاهيندو آهي جيڪو هن تي رحم نه ڪري ته، هن تي " حسد " ڪرڻ واري کي مسلط ڪري ڇڏيندو آهي.

هن سلسلي ۾ هي شعر پيش ڪيو ويچي ٿو.

ڪنهن انسان سان، رڳو اهو حادثو ڪافي آهي ته:

هن جا، " حاسد " به هن تي رحم ڪائين ."

مطلب ته، هر قسم جي دشمني ختم ٿي سگهي ٿي، پر ان ماڻهوءَ جي دشمني ختم نه ٿي، ٿي سگهي جيڪو، حسد جي سبب، تو سان دشمني رکندڙ آهي.

ابن المعز " چون ٿا ته، جڏهن حاسد، ٽڏو ساهه پري ته چئو ته " اي ظالم ! الله توکي سزا ڏئي" حالانڪ، هو پنهنجي حسد ( جي باهه ۾ پچندو رهڻ ) جي ڪري، مظلوم نظر ايندو آهي.

نيز هي شعر پڙهڻ جهڙو آهي،

جڏهن الله جو ارادو ٿئي ٿو ته، ڪنهن جي پوشيده فضيلت ماڻهن تي ظاهر ٿئي ته.....

هن جي قسمت ۾ حاسد جي زبان، لکي ڇڏي ٿو.

حسد جي موضوع تي، " امام عبدالوهاب شعراني " تمام عمدو لکيو آهي، سندس ڪتاب " تنبيهه المغترين " مان تفصيلي حوالو ملاحظه ڪريو.

سلف صالحين رضه جي اخلاق منجهان، هڪ اهو به آهي ته، هو ڪنهن، مسلمان سان، "حسد" نه ڪندا هئا ۽ هر مسلمان کي شرعي طريقي سان نصيحت ڪندا هئا، اهوئي سبب آهي جو هو ماڻهن جا سردار هوندا

هئا، ۽ جي، ڪنهن سان حسد ڪينو ڪندڙ هجن ها ته هو ڪڏهن سردار نه هجن ها، ۽ بادشاهه هنن جا پير نه چمن ها، بس اي پاءَ! جي تون به، انهن جهڙو ٿيڻ چاهين ته، انتهائي خلوص نيت سان، انهن جو رستو اختيار ڪر، ٻي صورت ۾، الله تعاليٰ بناوٽ ڪرڻ واري ماڻهو ۽ پاڻ کي نيڪ ظاهر ڪرڻ واري ماڻهوءَ جي حالت مان ٻين کي باخبر ڪري ڇڏي ٿو ائين هن جي چال ڪامياب نٿي ٿئي.

"مون، شيخ سيد علي خواص" رحمة الله عليه "کان ٻڌو آهي ته، جيڪو ماڻهو پنهنجا عمل، خالص الله تعاليٰ جي لاءِ ڪري ٿو ته، الله رب العزت، " مؤمنن جي دلين کي، ان جي محبت ۾ خالص" ڪري ٿو ڇڏي، ۽ جنهن شخص جي ديانت ۾ ڪجهه ملاوٽ هوندي آهي ته الله سائين، پنهنجي برگزيد ه ٻانهن کي، هن جي باطن کان آگاه ڪندو آهي لهذا ڪنهن جي به دل ۾ هن جي، عزت ۽ محبت نه هوندي.

حديث شريف ۾ آيو آهي ته، " ان الحسد ياڪل الحسنات ڪما تاڪل النار الحطب ".

( حسد نيڪين کي ائين کائي ٿو جيئن، ڪاٺين کي باهه ) ۽ جڏهن، ماڻهوء جون نيڪيون ضايع ٿي وڃن ٿيون ته هن جي، سيادت به هلي ٿي وڃي ـــــ چو ته هن وقت هو يا ته گنهگار هوندو يا، درمياني حالت ۾ هوندو، نه هن جي ڪا نيڪي هوندي نه، بدي ـــ ۽ اهو ته واضع آهي ته، سيادت ۽ عظمت ان ماڻهوءَ جي هوندي آهي جنهن کي، " اعمال صالحه " ۾ سڀني ماڻهن تي فوقيت هجي.

" سفيان ثوري رح " فرمائين ٿا ته، " حاسد " بدفهم هوندو آهي، جيڪو ماڻهو خوش فهمي جو خواهش مند هجي ان کي، ڪنهن تي حسد نه ڪرڻ کپي، مون ڪيئي دفعا، نوان ڪپڙا، انهي ڊپ کان پائڻ ڇڏي ڏنا ته، منهنجي پاڙيسري وغيره کي، حسد نه ٿئي. "



"وهب بن منبه رح" فرمائيندا هئا ته، حسد کان بچو چو ته، آسمانن ۾، سڀ کان پهرين، انهيءَ گناهه سان، الله تعاليٰ جي نافرماني ٿي آهي ۽، اهو گناهه آهي جنهن سان، زمين ۾ الله تعاليٰ جي نافرماني ٿي هئي."

" ميمون مهراڻ " فرمائيندا هئا ته، " جيڪڏهن تون، حاسد جي شرارت کان بچڻ چاهين ٿو ته ان کان، پنهنجا سڀ ڪم پوشيده رک ".

" مسعر بن ڪدام رحمة الله عليه " فرمائين ٿا ته، اڳين زماني جا بزرگ،پنهنجي دوستن ( ۽ انهن جي ٻارن ) کي، شفقت سان ( هدايت جي ) نصيحت " ڪندا هئا پر اڄ ڪلهه، " نصيحت" عداوت ( دشمني ) وانگر آهي، آئون ڪنهن کي نصيحت ڪريان ٿو ته هو منهنجا عيب ڳولڻ ۾ لڳي ٿو وڃي ۽، منهنجي نصيحت تي عمل ڪرڻ وسري ٿو وڃيس.

" محمد بن سيرين " فرمائيندا هئا ته " مون، ڪنهن جي دين ۽ دنيا تي، ڪڏهن به " حسد " ناهي ڪيو ۽، اهو مونتي الله تعاليٰ جو وڏو انعام آهي".

" مالڪ بن دينار رحمة الله عليه " فرمايو ته" آئون، عوام جي بنسبت، عالمن جي شهادت قبول ڪري سگهان ٿو پر، انهن مان هڪڙي جي، ٻئي تي شهادت قبول، نه ڪندو آهيان چو ته، اهي سڀ جا سڀئي " حاسد" آهن.

اهڙي طرح " امام مالڪ رح " فرمائيندو هو ته، " اوس بن خارجه" کان پڇيو ويو ته، توهان جو سردار ڪير آهي؟ هن چيو ته، حاتم طائي، وري ڪائنس پڇيو ويو ته، هن جي مقابلي ۾، تون ڪهڙي درجي تي آهين؟ ته هن جواب ڏنو ته آئون، ته هن جو خادم ٿيڻ جي قابل به نه آهيان، وري حاتم طائيءَ کان سوال پڇيو ويو ته تنهنجو سردار ڪير آهي؟ ته هن چيو ته" اوس بن خارجه " وري پڇيو ويو ته، هن جي مقابلي ۾ تون ڪهڙي درجي تي آهين ؟ ته هن وراڻيو ته آئون، ته هن جو " ٻانهو " ٿيڻ جي به قابل نه آهيان" امام مالڪ فرمائين ٿا ته، " اسان جا فقهاء هن مقام تي، ڪيئن ٿا پهچي سگهن؟

هڪڙي ڏينهن، "عمر بن عبدالعزيز" ڪنهن قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ کان پڇيو ته :

"هن قبيلي جو سردار ڪير آهي؟ هن چيو ته، " اي امير المؤمنين ! آئون آهيان اميرالمؤمنين فرمايو ته، " تون ڪوڙو آهين. جي تون سردار هجين ها ته، ائين نه چوين ها".

" ابن سماڪ رح" فرمائين ٿا ته، " حاسد جي نشاني اها آهي ته " پنهنجي " لالچ " جي سبب، تنهنجي ويجهو ٿئي ٿو پر، سندس " بدخلقي" ان کي، تو کان پري ٿي ڪري ڇڏي". سيني ماڻهن ۾ وڌيڪ " حسد " ڪرڻ وارا، قريبي عزيز ۽ ، پاڙيسري هوندا آهن. ڇو ته هو انعامات ڏسندا آهن ۽ ان تي، حسد ڪندا آهن. بر خلاف انهن ماڻهن جي، جيڪي پري رهن ٿا. تڏهن ته، اميرالمؤمنين"عمر بن الخطاب رضہ"ابو موسيٰ الاشعري ڏانهن لکيو ته "ماڻهن کي چئي ڇڏ ته ڪڏهن، ڪڏهن ملي وڃن پر، توسان، گڏ نه رهن. "

بس اي دوست ! تون، پنهنجي نفس کي جاچي ڏس، ۽ غور ڪر ته تون، پنهنجي مسلمان ڀائرن جي، انهن انعامن تي جيڪي، الله سائينءَ انهن کي عطا فرمايا آهن، " حسد ۽ ساڙ" ته نٿو ڪرين ۽، ڇا تون انهن کي، الله جي حڪم مطابق، نصيحت ڪرين ٿو. بس اي دوست ! تون، پنهنجي نفس کي جاچي ڏس، ۽ غور ڪر ته تون، پنهنجي مسلمان ڀائرن جي، انهن انعامن تي جيڪي، الله سائينءَ انهن کي عطا فرمايا آهن، " حسد ۽ ساڙ" ته نٿو ڪرين ۽، ڇا تون انهن کي، الله جي حڪم مطابق، نصيحت ڪرين ٿو يا، معاملو ان جي ابتڙ آهي؟ ۽ الله سائينءَ کان، سدائين بخشش گهرندو رهه. ۽ سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي جيڪو جهانن جو پاليندڙ آهي."

حسد جي موضوع تي اسان پنهنجي ڪتاب " الله جي طالب جو سفر " ۾ ڪافي بحث ڪيو آهي، موضوع جي اهميت جي پيش نظر، ان مان هڪ حصو هتي نقل ڪجي ٿو.



## حاسدانه ۽ رقيبانه جذبات

" راه سلوڪ " ۾ هلندي رهڻ سان، هڪ اهم بت، جنهن سان، حق جي طالب کي واسطو پوندو آهي اهو " حسد ۽ رقابت وارن جذبات " جو " بت " هوندو آهي، جنهن جي پوڄا کان، گهٽي ڀاڳين، الله سائين پنهنجي خاص فضل سان، انهن کي بچائيندو آهي جيڪي، حق جي پنڌ جا"لڳاتار پانڌيئڙا آهن.

پنهنجي نفسي مشاهدات جي سبب، معاشري ۾ برپا ٿيل " فساد " جي باري ۾ " طالب حق " جو اهو تجزيو هوندو آهي ته، هن جو هڪ اهم ۽ وڏو سبب، ماڻهن جا، "حسد ۽ رقابت وارا جذبا" ئي هوندا آهن. جيڪي هنن کي هڪ ٻئي سان "آمهون، سامهون ۽ ٽڪراءَ ۾" رکندا آهن. ڪاروبار هجي يا سياست، حڪومت هجي يا تعليمي ادارا، تجارتي مرڪز هجن يا گهريلو ماحول، انهن سيني ۾ " نفرت، ڪينو دشمني، ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءُ " جي پويان به گهڻو ڪري اهو ئي جذبو هوندا آهن "حاسدانه جذبات" بظاهر اصولي ڳالهين ۽ اهم بنيادي اختلاف، هوندا آهن عالمن جو عالمن سان ۽ مولوين جو مولوين سان اختلاف. خاندان جي افراد جو هڪ ٻئي سان اختلاف " جيتوڻيڪ اهو هڪ، فطري عمل آهي، پر، ان اختلاف جو " دشمني جي صورت اختيار ڪرڻ، ۽ هڪ ٻئي لاءِ ترديد ۽ تذليل جي ڪاوشن جو هجڻ، سرد جنگ ۽ دشمني جي فضا جو پيدا ڪرڻ ۽ هن " مقصد" لاءِ دل ۽ زبان جي طاقت استعمال ڪرڻ" اها صورتحال ٻڌائي ٿي ته، " اندر ۾ طاقتور نفساني جذبات" ڪارفرما آهن.

"راه سلوڪ " ۾ به جيڪڏهن "سالڪ " فناءِ نفس " تائين رسائيءَ کان پهرين بزرگيءَ جي مقام تي فائز ڪيو وڃي ٿو ته ان کي، مريدن ۽ خادمن جو هڪ طبقو ميسر ٿيندي ئي، پنهنجي همعصر شخصيتن جي باري ۾، پنهنجا، اهي حاسدانه ۽ رقيبانه" جذبات، روڪڻ ۽ انهن کي اعتماد جي حد ۾

رکڻ " ۾ اڪثر، ناڪامي ٿيندي آهي، ان کان اهو برداشت نہ ٿيندو آهي تہ سندس موجودگيءَ ۾ هن جي شهريا علائقي ۾، ٻيون شخصيتون بہ موجود هجن، جن ڏانهن علمي ۽ روحاني فيض حاصل ڪرڻ لاءِ، ماڻهن جو رجوع هجي" اها ڳالهہ اهڙي آهي جيڪا هنن جي جذبات کي لوڏي انهي حد تي پهچائي ٿي ۽ هنن کي مجبور ڪري ٿي تہ هو پنهنجي همعصر شخصيتن جي قدرو قيمت گهٽائڻ لاءِ، ڪار روائيون ڪن، ( ڇو تہ، ٻئي جي تعريف کي هو پنهنجي تحقير سمجهندا آهن).

اهڙيون هستيون جيڪي، انهن " فاسد جذبات " کان محفوظ هجن، ۽ جيڪي، ٻين کي پاڻ کان بهتر سمجهي انهن جو احترام ڪن، اهي پاڪباز هستيون آهن، ۽ اهڙين شخصيتن جي ئي دم قدم سان هيءَ دنيا، آباد ۽ شاداب آهي.

اهڙيون شخصيتون ميسرا اچن تہ، انهن جي صحبت سان، پنهنجو پاڻ کي، انهن " فاسد جذبات "کان بچائڻ، اهڙي طرح پنهنجي نيڪين کي "حسد جي باهہ جو ٻارڻ " بنجي وڃڻ کان محفوظ رکڻ جي ڪاوش ضرور ڪجي اها، هڪ وڏي سعادت آهي.

" حسد " جي ان کان وڏيڪ ، ٻي ڪابرائي نٿي ٿي سگهي جو دنيا جو پهريون قتل جو ڏوهہ ( قابيل جو هابيل کي قتل ڪرڻ وارو واقعو ) بہ، " حسد" جي وجہ سان ئي ٿيو هو ۽، حسد جي تباهہ ڪن اثرات جي لاءِ، حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن وارو واقعو بہ ڪافي آهي تہ، ڪين، ڀائرن، حسد جي سبب ڪري، پهرين تہ قتل ڪرڻ چاهيو پر، وڏي ڀاءَ جي مشوري تي پوءِ، کوهہ ۾ وڌائون .

اها " حسد " جي نفسيات ئي آهي جنهن، اسان جي سياست، اسان جي ڪاروبار، اسان جي ديني ۽ مذهبي زندگي ۽ اسان جي گهرن ۾ وڳوڙ وڌو آهي.



"حاسد " بظاهر تہ جنهن کي نعمتون مليون آهن، ان سان، "حسد" ڪري رهيو هوندو آهي پر،اصل ۾ هن کي الله سائينءَ جي "ورهاست " تي اعتراض هوندو آهي تہ " هن کي، الله سائينءَ ( ايترين نعمتن سان ڇو نوازيو؟ انهن نعمتن جو اصلي حقدار تہ آئون هوس" ( نعوذ بالله ) الله تعاليٰ تي معترض ٿيڻ جي سبب، سندس، ڏوهہ جي سنگينيءَ ۾ واڌارو ٿي وڃي ٿو .

"حسد " ٻيون گهڻيون خرابيون بہ پاڻ سان گڏ، آڻي ٿو " ضد، ڪاوڙ ۽ اشتعال " بہ ، حسد جون، شاخون آهن، حاسد جو عقل بہ انهن، جذبن جي زيراثر هوندو آهي، ان ڪري حاسد، صحيح ۽ معقول ڳالهہ، سوچڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي" حسد " جي انهن خرابين جي سبب، الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ اسان کي، حاسدن جي حسد کان، پناهہ گهرڻ جي دعا سيکاري آهي، ومن شر حاسد اذا حسد"_

### سڙڻ جي نفسيات جا ڪجهہ واقعا

هڪڙو شخص، جيڪو انتهائي محتاج ۽ مفلس هو ان کي، خبر، پئي تہ، هڪڙو نيڪ انسان آهي جيڪو غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪندو آهي_ هو ڪيئي سئو ميل سفر ڪري ان جي خدمت ۾ پهتو ۽ ان کي پنهنجي حالت زار ٻڌائي مدد جي درخواست ڪيائين، مخير صاحب کي ان جي مفلسي واري حالت تي رحم آيو همدرديءَ سان چيائينس تہ، توکي، ٻہ چار هزار دينار ڏيڻ تہ، منهنجي لاءِ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي پر، ان سان، تنهنجو ڪم نہ هلندو، چاهيان ٿو تہ، جيتري دولت مو ن وٽ آهي تون بہ ايتري دولت جو مالڪ بنجي وڃين، مفلس چيو تہ، " جي ايئن ٿي پوي تہ، سڄي حياتي، توهان کي دعائون ڏيندو رهندس". مخير صاحب چيس تہ مون کي اها دولت، فلاڻو فلاڻو وظيفو پڙهڻ سان حاصل ٿي آهي، تون بہ هتي رهي پئو چار پنج سال انهن وظيفن تي محنت ڪر، خادم، تنهنجي خدمت جي

لاءِ حاضر آهن، وقت بوقت تنهنجي گهر، گذاري لائق، پئسا بہ موڪليا ويندا_

هن مفلس ماڻهوءَ وڏي ذوق ۽ شوق سان وظيفن جو عمل شروع ڪيو، چار پنج سالن تائين وظائف تي محنت ڪيائين، آخر، هن کي الهامي آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ، " گهر، جيڪو گهرڻو اٿئي، چيائين يا الله ! آئون چاهيان ٿو تہ، هن، مالدار جي سموري دولت ڦري مون کي ڏني وڃي". آواز آيو تہ، ائين نہ ٿئي جو هن جي دولت، هن وٽ رهڻ ڏجي ۽ تو کي ايتري دولت الڳ ڏني وڃي؟ هن چيو تہ، " نہ" .

ٻيو واقعو بہ، ان طرح جو آهي، هڪڙو ماڻهو ڏاڍو مسڪين هو پنهنجي حالت جي بهتري جي لاءِ، ڪيترن ئي بزرگن وٽ، دعا جي لاءِ ويو پر سندس حالت ۾ ڪو بہ فرق نہ آيو .

نيٺ هڪڙي بزرگ هن کي، هڪڙو وظيفو ڏنو ۽ چيائين تہ، هيترن مهينن تائين رات جو تهجد جي نماز کانپوءِ فجر تائين، اهو وظيفو پڙهندو رهہ، انشاالله، هن وظيفي جي برڪت سان توکي، الله ج جي طرفان معاشي فراواني حاصل ٿيندي پر، ائين ضرور ٿيندو تہ، الله کان پنهنجي لاءِ، جيتري دولت گهرندين تنهنجي پاڙيسريءَ کي ان کان، ٻيڻي دولت ملندي" مفلس ماڻهوءَ بظاهر تہ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ بزرگ جي ڏسيل طريقي مطابق، رات جي آخري پهر، تهجد جي نماز کانپوءِ وظيفو پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيائين، ڪافي مهينن کانپوءِ جڏهن، وظيفي جي آخري رات آئي تہ، دعا جي وقت، هن جي اندر ۾ طوفان برپا ٿيڻ شروع ٿيو تہ، " محنت آئون ڪريان ۽ مفت ۾، پاڙيسريءَ کي، ٻيڻي دولت ملي وڃي، ائين تہ نٿو ٿي سگهي"، انهيءَ ذهني ڪشمڪش جي حالت ۾ صبح صادق، گذرڻ واري هئي، ڪيس ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هو ڇا گهري، هن وقت کي هٿان ويندو



ڏسي دعا گهري تہ، " ياالله ! منهنجي هڪڙي " اک " ڪڍي ڇڏي ۽ پاڙيواري جو ٻئي اکيون ."

"حسد " جي سلسلي ۾، عام ماڻهن جي حالت کي ڏسندي ، انهن قصن کي، مبالغي تي مبني قرار ڏيڻ درست نہ ٿيندو_

اهي واقعات، اسان جي اجوڪي دؤر جي افراد جي ذهني عڪاسي ڪن ٿا، جي اسان، پنهنجي آس پاس جو جائزو وٺون تہ خبر پوندي تہ، بيشمار ماڻهن جون ڪهاڻيون، اهڙن واقعن جي چوڌاري ڦرن ٿيون.

حاسد، ٻين کي حاصل ٿيل نعمتن جي سلب ٿي وڃڻ جي نفسيات ۾ جيئن ٿا، ۽ ان کي پنهنجي تسڪين جو سامان سمجهن ٿا، ايئن " حاسد " پاڻ سان گڏ، ٻين کي بہ، تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي ٻيهارڻ جي عظيم گناهہ جا مرتڪب ٿين ٿا_ " حسد" جو اهو عمل، انسان آزاري جي اهڙي خراب صورت آهي جو ان کان وڌيڪ خراب صورت جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي، جو " ٻين کي حاصل ٿيل نعمتن جي زوال جي خواهش ڪئي وڃي" توڻي ڪٽي، انهن نعمتن مان، پاڻ کي ڀاڱو ملڻ جو آسرو بہ نہ هجي تہ بہ، ٻين تي، قدرت جون اهي فياضيون ڏسڻ پسند نہ هجن _( اها وڏي ناداني آهي).

" حسد " جي " فاسد " اثرات جو جائزو وٺبو تہ، خبر پوندي تہ، " اهو مفت ۾ سڙڻ، پچڻ جي نفسيات کي پالڻ آهي". " معاشري جي افراد کي، ان ( حسد ) جي نقصان ڏيندڙ اثرات سان متاثر ڪرڻ " آهي_ پنهنجي ۽ ٻين جي راهہ ۾، اجائي "رنڊڪ" وجهڻ آهي" " الله سائينءَ جي تقسيم تي اعتراض ڪرڻ آهي" شيطاني صفتون رکڻ ۽ ان سان مشابهت جو تاثر ڏيڻ آهي " ۽ " افراد، ادارن، جماعتن ۽ ملت کي نقصان پهچائڻ آهي" " ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ، آخرت ۾ وڏي ۽ عظيم نقصان کي منهن ڏيڻ آهي"_

انساني نفسيات ۾ " حسد " جي جذبي جي غلبي سان، معاشري جي اڄ، جيڪا صورت حال، اسان ڏسون ٿا ان تي (حيرت ۽ ڏک ٿئي ٿو) سڄي اجتماعي زندگي انهن مناظر سان ڀرپور آهي، ان ( حسد ) جي هڪ خراب صورت، اها به آهي ته " حاسدين " شيطاني عمليات جي ماهرن وٽ وڃي، پنهن جي عزيزن، دوستن ۽ ساٿين جي خلاف، عمليات ڪرائي، انهن جي ڪاروبار ۽ ذهني صلاحيتن کي تباهه ڪري ٿا ڇڏين، ۽ پوءِ ڪين ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ، سندن ڪاروبار ۽ ترقيءَ جي هر ڪم ۾ بندش جي صورت پيدا ٿي وئي آهي.

الله سائينءَ انسان جي آزمائش جي لاءِ شيطاني عمليات ۾ اها تاثير رکي آهي، افسوس آهي ته حاسدين، حسد جي بي انت جذبن کان بي قابو ٿي، عاملن کي پئسا ڏيئي، پنهنجي ئي عزيز و اقارب ۽ دوست احباب جي خلاف، بي حساب انهن، شيطاني نسخن کي استعمال ڪري رهيا آهن، اهڙي طرح هو حسد جي جذبي جي تسڪين جي لاءِ معاشري کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهارڻ جو موجب بڻجي رهيا آهن_

سچا عاشق، ( الله ) جي عشق جي باهه ۾ سڙي، نفس جي انهن فاسد جذبات جي وسيع دنيا جو مشاهدو ڪري، الله جي خاص فضل ۽ ٻاجهه سان، انهن جذبن کي "مات " ڏيڻ ۾ گهڻي حد تائين ڪامياب ٿي وڃن ٿا_

ضرورت آهي ته، معاشري کي تباهه ڪرڻ واري، هن برائيءَ کان بچڻ جي، پاڻ به ڪوشش ڪجي ۽ معاشري جي افراد ۾ موجود، ان برائيءَ جي باري ۾ سندن احساس کي به سجاڳ ڪجي ۽ ان کان بچڻ جو تدبيرون به ٻڌائجن، سڀ کان بهتر تدبير ته، اها آهي ته، الله وارن جي صحبت ۽ ذڪر و فڪر جي ذريعي قلب لاءِ اهو "نور" فراهم ڪيو وڃي جنهن سان قلب، نفس، ۽ نفسي جذبات ۽ نفساني قوتن جي يرغماليءَ کان بچڻ جي راهه تي گامزن ٿي سگهي_



# "اشتعال ۽ ڪاوڙ جو ٻت"

## ۽ ان جون صورتون

ماڻهن ۾ هڪ طاقتور جذبو "اشتعال" جو به آهي، جيڪو معاشري ۾ انتشار ۽ فساد جو باعث بنجي ٿو . جيتوڻيڪ، اشتعال ۽ ڪاوڙ جي جذبي پويان جيڪو ، اصل قدرتي محرڪ ڪارفرما آهي، اِهو اهو آهي ته ان طريقي سان فرد، پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي. پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت ڪري سگهي ۽ پنهنجي حقوق جي تحفظ جي لاءِ هن " جذبي " جو استعمال ڪري سگهي ۽ ديني مقاصد جي لاءِ هن مان ڪم وٺي سگهي پر... تذڪئي جي کوٽ سبب، ٿيندو ائين آهي جو ماڻهو ڪاوڙ ۽ اشتعال جي شيطان جي هٿان مغلوب ٿي، پنهنجي گهروارن، دوست واحباب، جماعتي ۽ ڪاروباري ساٿين وغيره جي لاءِ خير و برڪت جو باعث بنجڻ بجاءِ، تڪليف ۽ اذيت جو باعث بڻجي ٿو_ فرد وافراد تي " ڪاوڙ " جو اهو شيطان، اڪثر وبيشتر، مسلط ٿيندو رهي ٿو ۽ باهه جا شعلا وسائڻ جو موجب بڻجي ٿو ۽ "اشتعال جي اها باهه " گهرن ۽ خاندان کي ساڙي خاڪ ڪرڻ ۽ دوستن، عزيزن جي دلين ۾ نفرت جي باهه ٻارڻ ڪانپوءِ، سڄي معاشري جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

ڪاوڙ جو اظهار، جڏهن مولوي، قاري يا حافظ جي طرفان ٿئي ٿو ته، ان سان شاگردن ۾ رد عمل جي طور تي، دين جي علمبردارن جي خلاف نفرت جي صورت پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ شاگردن جي ذهني نشوونما ۾ ڪاوڙ جو اهو رد عمل، ڪار فرما رهي ٿو.

ڪاوڙ جو اهو اظهار، جيڪڏهن، زال يا مڙس جي طرفان ٿئي ٿو ته، گهر جو ماحول، ڪشيده ٿيڻ سان گڏو گڏ، ٻارن ۾ عدم تحفظ جي احساس کي فروغ ملي ٿو- ڪاوڙ جو اظهار جڏهن، ڪفر جي عالمي طاقت ۽ ان جي آلهه ڪار حڪمرانن سان نفرت ڪرڻ وارو فرد ڪري ٿو ته ان سان، دهشتگردي

جي تحريڪ جنم وٺي ٿي، ۽ بي گناهه ماڻهو موت جو شڪار ٿين ٿا. ۽ وري مارڻ وارو اهو سمجهي ٿو ته هو طاغوت جي علمبردار حڪمرانن جي محافظ دستن، سپاهين ۽ انهن حڪمرانن سان نرم گوشو رکندڙ ديني شخصيتن کي رستي تان هٽائي، وڏو ڪو ديني "ڪارنامو" سر انجام ڏيئي رهيو آهي.

اڄڪلهه، اشتعال جي نفسيات ايتري ته عام ٿي وئي آهي جو بسن ۽ گاڏين ۾ سفر ڪرڻ وارا افراد هجن يا، بازار ۾ سو دو خريد ڪرڻ وارا افراد، محفلن ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪندڙ ماڻهو هجن يا، ڇئو واٽن تي ويهي، حالات حاضره تي تبصرو ڪندڙ ماڻهو (سيني ۾ سهپ گهٽجي وئي آهي). اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته اهي، ننڍين ننڍين ڳالهين تي مشتعل ٿي هڪ ٻئي سان تِکو ڳالهائڻ ۽ گار گند ڪرڻ لڳندا آهن يا ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي، هڪ ٻئي سان هٿين پئجي ويندا آهن، اڄ، جڏهن اهو مضمون لکجي رهيو آهي ته اسان جي علائقي حسين آباد، حيدرآباد ۾ ٻارن جي معمولي تڪرار تان، ٻن پاڙيسرين ۾ تلخ ڪلامي ٿي، جهيڙو وڌي ويو انهيءَ لڙائيءَ جو نتيجو ٻنهي ڌرين جي پنج افراد جي قتل جي صورت بر آمد ٿيو انساني جان ۽ ان جي عزت ۽ احترام جي سلسلي ۾ معاشري جي افراد جي اها روش، نهايت ڳڻتي جوڳي آهي ۽ المناڪ حالات جي نشاندهي ڪري ٿي_

ڪاوڙ ۽ اشتعال، جتي نفس جي ڪارستاني آهي ته اتي، شيطان جو ٻه هڪ هٿيار آهي، اهڙو هٿيار، جنهن جي ذريعي هو معاشري ۾ "ٽوڙ ڦوڙ" پيدا ڪري ٿو دوستن ۾ نا اتفاقي ۽ جدائي پيدا ڪري ٿو جماعت ۽ تنظيمن ۾ افراد کي هڪٻئي سان منهن مقابل ڪري ٿو پائرن کي پائرن سان وِيڙهائي ٿو ۽ دلين کي حسد ۽ ڪيني سان پري ٿو ڇڏي.

ڪاوڙ ۽ اشتعال جي حالت ۾ ماڻهو زبان مان جيڪي الفاظ ڪڍندو آهي، اهي "تير" جو ڪم ڪن ٿا، اهي الفاظ، جسم ۽ دل ۾ ائين چڀندا آهن جو نڪرڻ جو نالو ئي نه وٺندا آهن، اهڙي طرح زبان مان نڪتل "الفاظ"، هڪ ٻئي جي وچ ۾ پردو بلڪه دشمني جي پٽ قائم ڪري ڇڏين ٿا_



جڏهن فرد و افراد، ڪاوڙ جي شيطان تي غالب ٿي، تحمل، بردباري ۽ نرميءَ جي صفت جا حامل بڻجن ٿا، ته معاشري ۾ "جوڙ" پيدا ٿيڻ لڳي ٿو، رواداري ۽ محبت جي فضا، ترقي وٺي ٿي ۽ هڪ ٻئي جي "ڏک" کي پنهنجو "ڏک" ۽ ٻين جي "خوشيءَ" کي پنهنجي "خوشي" سمجهڻ جو احساس وڌڻ لڳندو آهي، اهڙي طرح معاشري جي استحڪام سان، ديني ۽ نظرياتي استحڪام پيدا ٿيڻ لڳندو آهي.

قرآن پاڪ ۾ هن سلسلي ۾، اهم نڪتو بيان ڪيو ويو آهي.

اِدفع باالتي هي احسن فاذالذي بينک وبينہ عداوة کانة ولي حميم"

" ترجمو_ ( برائي جو جواب ڀلائيءَ سان ڏيندؤ ته توهان ڏسندؤ ته، جنهن شخص سان توهان جي دشمني آهي اهو توهان جو گهاٽو دوست بڻجي ويندو_ )

نرمي ۽ بردباري جي اهم خوبي، اها ٻه آهي ته، ان جي سبب جي ڪري، ماڻهن جون دليون ڪشش محسوس ڪن ٿيون ۽ اهڙن افراد جي گرد جمع ٿيڻ ۾ تسڪين محسوس ڪن ٿيون.

" فبما رحمة من الله لنت لهم ولو کنت فظا غليظ القلب لا نفضوا من حولک "

"الله جي رحمة جي سبب جيڪا توهان تي آهي توهان انهن جي حق ۾ نرم آهيو جيڪڏهن توهان ( خدانخواسته ) ڪاوڙ ڪندڙ ۽ سخت دل هجو ها ته، جيڪي ( ماڻهو ) توهان وٽ گڏ ٿيا آهن، سڀ منتشر ٿي وڃن ها" هن آيت سڳوريءَ ۾، حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي مخاطب ٿي، نرميءَ جي صفت جي نتيجي ۾ ماڻهن جو رجوع ۽، اشتعال جي نتيجي ۾، ماڻهن جي پري ٿيڻ جي حقيقت بيان ڪئي وئي آهي. سورة آل عمران ۾ آهي ته" وسارعو الیٰ مغفرة من ربکم وجنة عرضها السموا ت ولارض اعدت للمتقين الذين ينفقون في السراءِ والضراءِ والکاظمين الغيظ والعافين عن الناس " ترجمو ( ۽ ڊوڙو پنهنجي پالڻهار جي مغفرت ۽ ان جنت ڏانهن،

جنهن جي ويڪر ( وسعت ) زمين ۽ آسمانن جيتري آهي ۽ جيڪا، پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، اِهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي خوشحالي ۽ تنگ دستي ۾ (ٻنهي حالتن ۾) خرچ ڪندڙ آهن ( الله جي راه ۾ ) ۽ ڪاوڙ کي پي وڃڻ وارا آهن ۽ ماڻهن جي (ننڍين غلطين کي ) درگذر ڪرڻ وارا آهن_ )

قرآن ۾ هڪڙي جاءِ تي حضرت موسيٰ عليہ السلام کي مخاطب ٿي فرمايو ويو آهي، ” اذهبا اليٰ فرعون انہ طغيٰ فقولا لہ قولا لينا لعلة يتذكر اويخشيٰ “ ( سورة طہ _ آيت 43_44 )

( توهان ٻئي فرعون وٽ وڃو هو سر ڪش ٿي ويو آهي، بس هن سان، نرمي سان ڳالهائجو شايد اهو نصيحت قبول ڪري يا ڊڄي )

هن آيت مان، هڪ اهم نڪتو جيڪو واضح ٿئي ٿو اهو اهو آهي تہ، ڪائنات جي خالق جي طرفان، وقت جي سڀ کان وڏي سرڪش ڏانهن، پنهنجي چونڊيل ٻانهن کي موڪليو وڃي ٿو انهن کي سختيءَ سان ڳالهائڻ جي بدران، نرميءَ سان سمجهائڻ جي تاڪيد ڪئي وڃي ٿي_

رب العالمين جي طرفان، وقت جي فرعون سان، نرميءَ جو اهو اسلوب، اسان جي لاءِ نصيحت ۽ سبق آهي، تہ اسان، پاڻ سان وابستہ افراد ۽ پنهنجي تعلق وارن سان ڪاوڙ ۽ سخت گيريءَ جي بجاءِ، نرميءَ ۽ رواداريءَ سان پيش ايندا رهون، جو الله سائينءَ کي ٻانهن جي اها ادا ڏاڍي پسند آهي، خالص طور تي، دين جي دعوت ڏيڻ وارن جي لاءِ تہ ” رحيمانہ ۽ ڪريمانہ “ اوصاف ڌارڻ ضروري آهن، اڄوڪي دؤر ۾ اسلام جي نالي تي، هڪ ٻئي کي حريف بنائڻ بلڪ هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ جون جيڪي ڪاوشون ٿي رهيون آهن اهي، اسلامي تعليمات جي ابتڙ آهن، قرآن پاڪ ۾ حضرت يوسف عليہ السلام، پنهنجن ڀائرن جا قصور معاف ڪندي، جيڪي الفاظ ادا فرمايا آهن اهي، اهي آهن .



قال لا تثريب عليكم اليوم يغفرالله لكم ( چيائون تہ اڄوڪي ڏينهن، توهان تي، ڪو الزام نہ آهي، الله توهانکي معاف فرمائي )

مؤلانا اشرف علي ٿانوي بيان القرآن ۾، هن آيت جي تفسير ۾ فرمائين ٿا، روح ۾ شاهہ ڪرماني “ کان منقول آهي تہ، جيڪو ماڻهو مخلوق کي حق جي نظر سان ڏسندو تہ اهو . انهن جي مخالفت جي پرواهہ نہ ڪندو ۽ جيڪو ماڻهو مخلوق کي پنهنجي نظر سان ڏسندو تہ اهو پنهنجي سڄي حياتي، انهن سان بحث ۽ تڪرار ۾ ضايع ڪري ڇڏيندو“.

حديثن ۾ بہ، ڪاوڙ جي بدران، محبت ۽ نرم روئي جي تاڪيد فرمائي وئي آهي .

هڪڙي حديث سڳوريءَ ۾ فرمان رسول صلي الله عليہ وسلم، آهي تہ ” جنهن شخص کي “ نرميءَ “ مان حصو ڏنو ويو انکي، دنيا ۽ آخرت جي ” نيڪيءَ سان بهره ور ڪيو ويو .“

ٻي حديث پاڪ آهي تہ= ” ڇا توهان کي آئون، خبر نہ ڏيان تہ اهو ڪير آهي جنهن تي، ” دوزخ “ جي باهہ حرام آهي؟ ۽ اهو دوزخ جي باهہ تي حرام آهي ( تہ ٻڌو ) هر انهيءَ شخص تي، دوزخ حرام آهي جيڪو ماڻهن جي لاءِ نرم، مزاج آهي، ۽ فرمايائون تہ، ڇا توهان کي اهل دوزخ جي خبر نہ ڏيان ؟ هر، اهو ماڻهو جيڪو سخت مزاج، تندخو جهيڙيڪار ۽ متڪبر آهي.“ (اهو جهنمي آهي)

سنڌيڪار: عبدالهادي ٽيپو

# هندو ڏاها

## اسلام جي شاهراه تي

## عائشہ ديدي (اڳوٽي بلوندر ڪؤر)

اسماء: السلام عليڪم

عائشہ : وعليڪم السلام

سوال : عائشہ ديدي هتان ڦلت مان اسان جو هڪڙو ميگزين ارمغان نالي نڪري ٿو بابا سائين مون کي فرمايو تہ اوهان هتي آيا آهيو تہ آئون توهان جو انٽريو وٺان .

جواب : هائو ارمغان رسالي جي مون کي خبر آهي.

سوال : سڀ کان اڳ توهان پنهنجو خانداني پريچي ( تعارف ) ڪرايو؟

جواب : آئون ضلعي فيروز پور پنجاب ( انڊيا ) جي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ سک گهراڻي ۾ 3 جون 1968ع تي پيدا ٿي هيس. منهنجو پتاجي شري فتح سنگهہ علائقي جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ زميندار گهراڻي جو ماڻهو هو. هن منهنجو نالو بلوندر ڪؤر رکيو. مون پرائمري ۽ مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي شهر جي گروگووندسنگهہ ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي. منهنجي شادي جالنڌر شهر جي هڪڙي تعليم يافتہ خاندان ۾ ٿي وئي.منهنجو گهر وارو ان وقت پوليس ۾ ايس او هو. سندس بهادري ۽ سٺي ڪارڪردگيءَ جي ڪري ڪيس پروموشن مليا ۽ هو ڊي ايس پي ٿي ويو منهنجا ٻہ پٽ ۽ هڪڙي ڌيءَ آهي ۽ ٽيئي پڙهن پيا.

سوال : پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو احوال ٻڌايو؟



جواب : منهنجي هڪڙي ننڍي ڀيڻ آشا ڪؤر هئي، سندس شادي بہ بابا سائين، هڪڙي پوليس ٿاڻي جي انچارج سان ڪرائي ڇڏي هئي، هوءَ منهن مهانڊي ۾ ڏاڍي سهڻي هئي، سندس گهر وارو بہ ڪيس ڏاڍو پيائيندو هو. شاديءَ کان پوءِ هوءَ اڪثر بيمار رهندي هئي. روز روز ڪو نہ ڪو مسئلو ٿيندو رهندو هو. علاج ڪرائڻ سان ٿورا ڏينهن چاق ٿي ويندي هئي، پر وري بيمار ٿي ويندي هئي. سندس گهر واري دهليءَ تائين بہ سندس علاج ڪرايو ۽ لکين روپيا خرچ ڪري ڇڏيائين، پر ڪو خاص فائدو ٿي ڪونہ سگهيو. مجبور ٿي اسان ٽوٽا ڦيٽا ڪندڙن کي ڏيکاريو، ڪن چيو تہ هن تي جن جو اثر آهي تنهنڪري دوا اثر نٿي ڪري وغيره وغيره. ڪنهن ڏس ڏنو تہ مالير ڪوٽلا ۾ ڪا مائي آهي سا روحاني علاج ڪري ٿي، اسان آشا کي اوڏانهن موڪليو ان مائيءَ آشا تي ڦيٽا شوڪارا وڌا تہ هن کي ڏاڍو آرام آيو. پر هن مائيءَ آشا کي چيو تہ، تون ٻن چئن ڏينهن جي تڪليف نٿي سهي سگهين، تہ دوزخ جي هميشہ جي تڪليف ڪيئن سهي سگهندئين؟ تنهنڪري ان تڪليف جو اونو ڪر ۽ ان جو علاج هي آهي تہ تون مسلمان ٿي وڃ، ۽ جيڪڏهن تون مسلمان ٿي ويئين تہ اميد اٿم تہ تون هتي بہ نيڪ ٿي ويندئين، آئون توهان کي پنهنجي حضرت ڏانهن موڪليندس، هو دعا ڪندو تہ مون کي اميد آهي تہ الله تعاليٰ توهان کي ضرور نيڪ ڪري ڇڏيندو، آشا هن کي چيو تہ آئون پنهنجي مڙس سان صلاح ڪريان. هن آشا کي چيو تہ ايمان آڻڻ ايڏو تہ ضروري آهي جو ان ۾ مڙس سان مشورو يا اجازت وٺڻ جي بہ ضورت نہ آهي، پر جيڪڏهن مڙس مخالفت ڪري، يا ان ڳالهہ تي ماري يا ڇڏي ڏئي تہ بہ انسان جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ هو ايمان قبول ڪري وٺي تہ جيئن پنهنجي پيدا ڪندڙ مالڪ کي راضي ڪري هميشہ جي جنت حاصل ڪري سگهي. آشا چيو پوءِ بہ گهر وارن سان مشهورو ڪرڻ سوچڻ سمجهڻ ضروري آهي. هن چيو تہ توهين جلد مشورو ڪري اچو تہ توهان کي آئون ڪلمو پڙهائي پنهنجي حضرت ڏانهن موڪليان. آشا اتان

موٽي پٽنبا آئي ۽ پنهنجي مڙس کي چيائين تہ مون کي تمام گهڻو آرام آيو آهي، پر باجي چوي ٿي تہ جيڪڏهن تون مسلمان ٿي ويندئين تہ بلڪل ٺيڪ ٿي ويندئين. هن جو گهر وارو هن کي ڏاڍو پيائيندو هو. چوڻ لڳو تہ تون ڪجهہ بہ ڪر يا ڪجهہ بہ ٿي، پر ٺيڪ ٿي وڃ. مون کي خوشي ئي خوشي آهي، هن فون تي باجيءَ سان ڳالهايو تہ هن ڪيس حضرت ڏانهن وڃڻ جو پتو ٻڌايو. آشا چيو تہ آئون هن وٽ وڃي ئي مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿي. باجي هن کي حضرت جو فون نمبر ڏنو. 25 مئي 2004 ع تي صبح سان ئي آشا، حضرت صاحب ( مولانا محمد ڪليم صاحب ) کي فون ڪيو. آشا مون کي ٻڌايو تہ مون حضرت کي چيو تہ آئون اسلام وٺڻ لاءِ توهان وٽ اچڻ چاهيان ٿي، مون سان نہ منهنجو گهر وارو ، نہ ڪو ٻارڙچو يا گهر جو ڪو بہ ڀاتي مسلمان ڪو نہ ٿيندو. فقط آئون هڪڙي مسلمان ٿينديس. مولانا صاحب جي پڇڻ تي آشا هن کي مالير ڪوٽلا واري باجيءَ سان جيڪي ڳالهيون ٿيون هيون سي سڀ ٻڌايون. حضرت صاحب، آشا کي چيو تہ توهان باجيءَ وٽ ئي ڪلمو پڙهي مسلمان ڇو نہ ٿيا؟

آشا وري زور ڏيئي چيو تہ مون کي ڪلمو توهان وٽ ئي اچي پڙهڻو آهي. مولانا صاحب چيو تہ مون وٽ ئي پڙهڻو آهي تہ هينئر ئي فون تي پڙهو. آشا چيو تہ نہ آئون توهان وٽ اچي اڳيان ويهي ڪلمو پڙهنديس. مولانا صاحب، چيو تہ ادي موت زندگيءَ تي ڪو بہ ڀروسو ڪونهي توهان بيمار آهيو. چڱي ڀلي ماڻهوءَ جي ساهہ تي بہ اطمينان ڪونهي تہ ٻيو ساهہ ورندو يا نہ. تنهن ڪري ڪلمو فون تي پڙهي ڇڏيو. پوءِ جڏهن مون وٽ اچو تہ ٻيهر نئين سر ڪلمو پڙهجو. مولانا صاحب جي چوڻ تي آشا چيو تہ پڙهايو پر اصل ڪلمو تہ آئون توهان وٽ اچي ئي پڙهنديس. مولانا چيو تہ اصل تہ فون تي پڙهي ڇڏيو باقي نقل هتي اچي پڙهجو. هوءَ تيار ٿي وئي، مولانا ڪيس ڪلمو پڙهايو ۽ اسلام جون بہ ٿي ضروري ڳالهيون سمجهايون ۽ چيائس تہ هاڻي توهان کي نماز ياد ڪرڻي آهي، ڪنهن بہ غيراسلامي رسم پوڄا جي



رسم کان بچجو. نالو پڇي مولانا ڪيس چيو تہ هاڻي توهان جو نالو آشا مان بدلائي عائشہ ڪيو ويو آهي، هيءَ اسان جي رسول الله صلي عليہ وسلم جي گهر واريءَ جو نالو آهي. فون تي ٿيل ڳالهيون هن سڀني گهروارن کي تمام خوشيءَ سان ٻڌايون، پنهنجي مڙس کي بہ ٻڌايائين.آئون بہ جالنڌر مان ساٿس ملڻ لاءِ آئي هيس، مون کي بہ ٻڌايائين جيتوڻيڪ ڏرم متاثڻ تي مون کي بہ اهي ڳالهيون چڱيون ڪونہ پئي لڳيون، پر هيءَ بيحد خوش هئي. مولانا صاحب سان فون تي ڳالهائي ڪلمو پڙهي خبر ناهي تہ هن کي ڇا هٿ آيو هو. مون هن جي منهن کي پيري پيري چتائي پئي ڏٺو. جهڙو ٽڙيل گل هجي، عجيب نور هن جي منهن مان پئي بکيو. مون هن کي چيو تہ آشا اڄ تنهنجو منهن ڪهڙو نہ چمڪي پيو ؟ چوڻ لڳي تہ منهنجي منهن ۾ اهو ايمان جو نور چمڪي پيو. سڄو ڏينهن ٻلهار هئي، اهڙي خوش هئي جو شايد ڏهن سالن ۾ پهريون ڀيرو گهروارن هن کي ايترو خوش ۽ تندرست ڏٺو هو. ڪيترن سالن کان پوءِ هن پنهنجن هٿن سان سيڪاڻو ( ڪيرٽي ) ٺاهي، سڀني کي ضد ڪري کارايو. سمهڻ کان اڳ هوء وهنتي، ۽ ڪلمو پڙهڻ شروع ڪيائين.جيڪو هڪڙي پني ٽڪر تي لکيل هو. پهرئين ياد ڪرڻ لڳي پوءِ زور زور سان پڙهڻ لڳي. اوچتو هوءَ وڦلڻ لڳي ۽ پاڻ مرادو ڳالهيون ڪرڻ لڳي "هي سونو محل آهي، ڪيڏو نہ ڀلو آهي؟ اهو ڪنهن جو آهي؟" ائين پئي لڳو ڄڻ هو ڪنهن سان ڳالهائي پئي. وري خوشيءَ مان چوڻ لڳي" اهو منهنجو آهي، اهو منهنجو آهي، هي جنت جو محل آهي. چڱو هاڻي اسين هلون ٿا." ٿوري دير کان پوءِ چوڻ لڳي " هي سهڻن گلن جا ايڏا سارا گلدستا ڇا لاءِ آندا اٿو ؟ ڪيڏا نہ نہ سهڻا گل آهن. ڇا توهين اسان کي وٺڻ لاءِ آيا آهيو؟ " وري ٿوري دير کان پوءِ چوڻ لڳي، "چڱو، اسين پنهنجي جنت ڏانهن وڃون ٿا. توهان جي جيلخاني مان جند ڇڏائي، " پوءِ زور زور سان ٽي دفعا ڪلمو پڙهيائين ۽ ويني ويني بيڊ جي هڪڙي پاسي ڍرڪي پئي. اسين سڀ گهٻرائجي وياسون، هن کي سڌو ليٽايو سون ۽ وڏو ڀاءُ ڊوڙي ڊاڪٽر کي

وٺي اچڻ لاءِ ٻاهر ويو. ڊاڪٽر صاحب آيو ۽ ٻڌايائين تہ ڇوڪري مري وئي آهي. پر آشا، ائين پئي لڳو ڄڻ کلندي کلندي سمهي رهي آهي. گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. مشورو ڪيو ويو تہ هيءَ مسلمان ٿي مئي آهي، جيڪڏهن اسان هن کي پنهنجي ڌرم مطابق ساڙيو تہ متان اسان تي ڪا ٻئي بلا نہ اچي پوي، صبح جو جيجاءِ، ماليرڪوٽلا واري باجيءَ کي فون ڪيو تہ آشا جو رات ديهانت ( وفات ) ٿي ويو آهي، اسان وٽ تہ ڪو اهڙو مسلمان ڪونهي جيڪو ڪريا ڪرم ڪري، سو ماليرڪوٽلا مان ڪي ماڻهو اچن. ڏهين بجي ماليرڪوٽلا مان مردن ۽ عورتن جي گاڏي پرجي آئي ۽ هن کي ڪفن ڏياري دفن ڪيو ويو. 1947ع ڪانپوءِ پهريون ڀيرو هن شهر ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي دفن ڪيو ويو هو، مقام تہ اڃا تائين موجود آهي.

سوال : اهو ذڪر تہ توهان پنهنجي ڀيڻ جي مسلمان ٿيڻ بابت ڪيو آهي، واقعي اها ڳالهہ نهايت عجب جهڙي آهي تہ هن جو موت ڪهڙو نہ قابل رشڪ ٿيو آهي. نہ نماز پڙهيائين، نہ روزو رکيائين، ۽ نڪي ڪو اسلامي عمل ڪيائين، ڪيئن نہ دنيا مان پاڪ صاف، گناهن کان پاڪ گذري وئي، ڪيڏي نہ قابل رشڪ وفات کيس نصيب ٿي، هاڻي توهين پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ بابت ڪجهہ ٻڌايو؟

جواب : اصل ۾ منهنجو اسلام، عائشہ جي اسلام سان ڳنڍيل آهي، مون ۽ عائشہ ۾ بيحد محبت هئي. هن جي اوچتي موت مون کي لوڏي ڇڏيو پر هن جي موت ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ جي هڪ ڏينهن واري حياتي، مون کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تہ هن دنيا جي جيل خاني مان ڇٽي جنت جي محل ۾ هوءَ فقط هڪڙي ڪلمي جي برڪت سان پهچي وئي ! هوءَ ڪيئن نہ کلندي کلندي دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. مون پنهنجن مائٽن ۽ ساهورن ۾ ڪيترن ماڻهن کي مرندي ڏٺو آهي تہ هو ڪيئن نہ ڦٿڪي ڦٿڪي ڏاڍي تڪليف سان ساهہ ڏين ٿا. آئون سوچيندي هيس تہ آشا کي اها ڪهڙي شيءَ ملي جنهن جي ڪري ايڏو ڏکيو مرحلو هن لاءِ آسان ٿي پيو.



هڪڙي رات خواب ۾ ڏٺم تہ آشا بيحد سهڻو ويس، جنهن ۾ سهڻا هيرا ۽ موتي ٽانڪيل آهن، پائي تخت تي، خوبصورت وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺي آهي. سندس مٿي تي تاج رکيل آهي جيئن ڪا راڻي يا شهزادي هجي، مون هن کان پڇيو تہ، " آشا توکي اهڙو سولو موت ڪيئن مليو؟ چوڻ لڳي، ايمان جي محابي، ۽ ديدي توکي سچ ٿي چوان تہ، مون کي ايمان جي حالت ۾ رڳو هڪڙو ئي ڏينهن تہ مليو هو. ايمان سان هڪڙي ڏينهن جي جيئڻ ۾ جيڪو مزو آهي سو سوين سال بنا ايمان جي جيئڻ ۾ ڪونهي، يقين نہ اچيو تہ ٿورن ڏينهن لاءِ مسلمان ٿي پاڻ ڏسي وٺو " منهنجي اک کلي پئي، انوقت منهنجي دل ۾ بہ شوق پيدا ٿيو تہ ٿورن ڏينهن لاءِ مسلمان ٿي ڏسڻ گهرجي. مون پنهنجي مڙس آڏو ان خواهش جو ذڪر ڪيو تہ آئون هفتي ٻن لاءِ مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿي ۽ ڏسڻ چاهيان ٿي تہ ايمان ڪهڙي شيءِ آهي. جيئن تہ آئون بہ آشا جي موت کان پوءِ هر وقت غمگين رهندي هيس ۽ ماٺ ماٺ ۾ ڪمرو بند ڪري روئندي رهندي هيس، ان ڪري منهنجي مڙس مون کي موڪل ڏني تہ ايئن ڪٽي ڪر تہ تنهنجي من کي من آٿت اچي. پلي ڪري ڏس، پر ان جو بہ خيال رکجائين تہ آشا وانگر هڪڙي ڏينهن کان پوءِ تون بہ مري نہ وڃجائين. مون چيو تہ " جيڪڏهن آئون مري ويس تہ شايد جنت ۾ هلي ويندس ۽ توهين ڪا ٻي سٺي زال پرڻجو پر ڏسجو تہ هو منهنجن ٻچن کي نہ ستائي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ مون پنهنجي پيٽوئي کان ماليرڪوٽلا واري باجيءَ جو نمبر ورتو ۽ ان کان حضرت صاحب ( مولانا محمد ڪليم صاحب ) جو نمبر ورتم ۽ مون باجيءَ کي فون تي چيو تہ آئون توهان وٽ اچڻ چاهيان ٿي ۽ مقصد اهو آهي تہ آئون هفتي کن لاءِ مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿي. هوءَ ڏاڍي کلي ۽ چوڻ لڳي تہ مسلمان ٿيڻ ڪو ناٽڪ يا ڊرامو تہ ڪونهي جو ٿوري دير لاءِ پنهنجو روپ مٽائي ڇڏجي، تنهن هوندي بہ هن خوشي جو اظهار ڪيو ۽ چيائين تہ توهين اسان جي حضرت صاحب وٽ وڃو هو توهان کي چڱي

طرح سمجهائي ڇڏيندو. ان ڪانپوءِ مون فون حضرت صاحب سان ملايو پر لڳو ڪونه. ڪيترن ڏينهن جي ڪوشش ڪان پوءِ هن سان ڳالهه ٿي سگهي، مون ساڻس ملڻ جي خواهش جو ذڪر ڪيو. هو مون ڪان ملڻ لاءِ اچڻ جو سبب پڇندو رهيو ۽ چوڻ لڳو ته توهين مون کي خدمت جو ٻڌايو ٿي سگهي ٿو ته فون تي ئي توهان جو مسئلو حل ٿي وڃي، مون کي خيال ٿيو ته متان هو فون تي ئي ڪلمو نه پڙهائي ڇڏي، تنهنڪري مون ڪيس ٻڌائڻ مناسب ڪونه ڄاتو.

مولانا صاحب مون کي ٻڌايو ته " ادي . آئون بلڪل بيڪار ماڻهو آهيان، جيڪڏهن هٿ ڏيکارڻ چاهيو ٿا يا جادو وغيره جو علاج ڪرائڻ چاهيو ٿا يا ڪو تعويذ ۽ توٽو ڦيٽو وغيره ڪرائڻ چاهيو ٿا ته اهو ڪم منهنجن ابن ڏاڏن کي به ڪو نه ايندو هو. توهين مون کي پنهنجي ملڻ جو مقصد ٻڌايو. جيڪڏهن اهو مقصد مون وٽ اچي حل ٿي سگهي ٿو ته پوءِ بيشڪ سفر ڪري اچو. نه ته ايڏو ڊگهو سفر ڪري پريشان ٿيڻ مان ڪو فائدو ڪونهي، مولانا جڏهن گهڻو زور پريو ته مون کي ٻڌائڻو پئجي ويو ته آئون هڪڙي هفتي لاءِ مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿي ۽ آئون آشا جي وڏي ڀيڻ آهيان، جنهن کي توهان فون تي ڪلمو پڙهايو هو ۽ جيڪا انهيءَ رات ئي گذاري وئي هئي. آشا جو نالو ٻڌي مولانا صاحب وڏي محبت سان چيو. " ها، ها، توهين ضرور اچو ۽ جڏهن به سهولت ٿئي توهين ڀلي اچو. اچڻ وقت مون کي ٻڌائجو ته آئون پنهنجو سفر ملتوي ڪري ڇڏيان، مولانا صاحب مون کي جالنڌر ڪان اچڻ جو رستو به ٻڌايو ته شاليمار ايڪسپريس ذريعي سڌو ڪتولي لهجو ۽ اتي اسٽيشن تي توهان کي وٺڻ لاءِ اسان جو ماڻهو ايندو. سفر جي تاريخ طئي ڪري مون مولانا کي ٻڌايو. مون سان گڏ هلڻ وارو ڀيو ڪو مناسب ماڻهو ڪونه هو سو مون پنهنجي هڪڙي ناني سس ( مڙس جي مائيٽياڻي ) کي تيار ڪيو ۽ گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماسيءَ کي ساڻ ڪنيم . اسين ٽيئي ڄڻيون 14نومبر جي صبح جو نوين بجي ڪتولي پهتاسين. حضرت



صاحب جي طرفان گاڏي اسان کي وٺڻ لاءِ آئي هئي، ڦلت سولائي سان پهچي وياسين_ مولانا صاحب ڦلت ۾ ڪو نه هو. پر سندن امي مون کي ٻڌايو ته حضرت صاحب ٻنپهرن تائين ڦلت پهچي ويندو انشاء الله. اسان سيني اتي نيرن ڪئي ۽ ٿورو آرام ڪيوسين، ان ڪان پوءِ گهر جي عورتن سان ملاقات ٿي ۽ مون پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو. منيره ديدي ۽ امي جان مون کي سمجهايو ته هڪڙي هفتي لاءِ ڪو به مسلمان ٿي نٿو سگهي، اهو ته موت تائين جو فيصلو هوندو آهي، آئون پريشان ٿي ويس ته مون کي پنهنجو مذهب ۽ سڀ ڪجهه بلڪل ڇڏڻو پوندو. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ منجهند جو ٻي بجي مولانا صاحب به اچي ويو. ٻاهر تمام گهڻا مهمان آيل هئا. مولانا صاحب ٻن منٽن لاءِ اسان وٽ آيو ۽ اسان کي آٿت ڏنائين ته اسين سڀ توهان کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا آهيون. توهين عائشه مرحومه جي ڪري آيا آهيو.مون کي ان ڪري توهان جي خاندان سان خاص تعلق ٿي پيو آهي." اسان ڪان واپسي جو پروگرام پڇيائين. جڏهن اسان ٻڌايو ته اسين ٽن ڏينهن لاءِ آيا آهيون ته چيائين ته ٻاهر تمام گهڻا مهمان آيل آهن ۽ ڪي ڪي ته ٻن ٽن ڏينهن ڪان مون لاءِ ترسيل آهن. رات جو انشاء الله توهان سان اطمينان سان ڳالهيون ڪنداسين. ادي اسماء. توهان کي ياد هوندو ته توهان مون کي حضرت صاحب جو لکيل ڪتاب " توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾ " آڻي ڏنو هو. مون شام تائين ان کي ٽي دفعا پڙهي ڇڏيو هو. منهنجي دل، ايمان کي هميشه لاءِ قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ صاف ٿي وئي. مغرب جي نماز پڙهي مولانا صاحب اسان وٽ آيو. مون کي ايمان جي ضرورت بابت ڳالهيون ٻڌايائين، مرڻ ڪان پوءِ جي زندگيءَ ۾ جنت دوزخ ۽ پنهنجي پيدا ڪندڙ کي راضي ڪرڻ بابت بيان فرمايائين. " توهان جي امانت" ڪتاب پڙهي، منهنجي ذهن مان هفتي لاءِ اسلام قبول ڪرڻ وارو خيال ختم ٿي ويو هو. مون اسلام قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ آمادگي ظاهر ڪئي، اتي مون کي اسلام جو ڪلمو پڙهايائين. گهر جون سڀ عورتون ويٺل

هيون. مون چيو تہ ڇا توهين منهنجو اهوئي نالو رکي سگھو ٿا جيڪو آشا جو هو؟ هن چيو تہ ڇو نہ !. توهان جو نالو بہ عائشہ رکون ٿا. عائشہ اسان جي نبي صلي الله عليہ وسلم جي پياري گھرواري محترمہ هئي.

اسماء توهان کي ياد هوندو تہ مون مولانا صاحب کان بہ سوال پڇيا هئا. ان وقت مون ڏٺو تہ مولانا صاحب ڳالهيون تہ اسان سان پئي ڪيون. پر سندس رخ سندس گھر وارن ڏانهن هو مون سوال ڪيو هو تہ توهين اسان کان منهن ڦيرائي ڇو ٿا ڳالهايو ان تي مولانا صاحب چيو تہ اسلام عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ پردي جو حڪم ڏنو آهي. اهي سڀئي عورتون جن سان اسلام جي قانون مطابق ڪنهن مسلمان جي شادي ٿي سگھي ٿي، سي سڀ عورتون ان مرد لاءِ نامحرم آهن. انهن کان پردي جو اسلام حڪم ڏئي ٿو سچ تہ اهو آهي جو مون کي پردي جي پويان توهان سان ڳالهائڻ گھرجي ها. مون کي خيال ٿيو تہ ائين ڪرڻ سان توهان وڏي اجنبيت محسوس ڪندا انهيءَ ڪري توهان جي آڏو اچي پنهنجو رخ ٻئي پاسي ڪري تہ جيئن نامحرم تي نظر نہ پوي. مون اسلام جي حڪم تي عمل ڪيو. ايمان جي دعوت جهڙي سڀ کان محبوب عبادت ۾ بہ، ڪنهن نامحرم تي نظر پوڻ جي گناهہ جي ڪري تبليغ جو اثر ختم ٿي وڃي ٿو مون چيو تہ ”منهنجي پيءُ آشا جڏهن توهان کان اسلام وٺڻ جي ڳالهہ ڪئي، تہ توهان ايڏو انڪار ڪرڻ تي بہ توهان ڪيس فون تي ئي ڪلمو پڙهايو هو سو مون بہ انهيءَ ڪري توهان وٽ اچڻ جو مقصد نہ پئي ٻڌايو تہ متان توهين مون کي بہ فون تي ئي ڪلمو پڙهائي ڳالهہ ٽاري نہ ڇڏيو پر توهان مون کي فون تي ڪلمو پڙهڻ لاءِ ڪونہ چيو هو. تنهن جو ڪهڙو سبب هو؟ حضرت صاحب جواب ڏنو تہ فون تي ڪلمو پڙهائڻ، ڳالهہ ٽارڻ ڪونهي، پر انسان جي ناپائيدار زندگي ۾ پاڻيءَ تي ڦوٽي وانگر فاني حياتيءَ جو خيال آهي اها سچي همدردي آهي. خبر ناهي تہ ڇو توهان جي پيري مون کي اهو خيال ئي ڪونہ آيو؟ مون کان اها خطا ٿي وئي، خدا نہ ڪري جيڪڏهن رستي ۾ توهان وفات ڪري وڃو ها تہ



ڇا ٿئي ها. يا آئون وفات ڪري وڃان ها تہ ڇا ٿئي ها. يا آئون مري وڃان ها تہ اها خود منهنجي لاءِ بہ وڏي محرومي ٿئي ها. خبر ناهي تہ مون کان اها ڀُل ڇا جي ڪري ٿي وئي، وري اهو بہ تہ توهين چار پنج ڏينهن اسلام کان محروم رهيا. ايڏي وڏي ضرورت ۽ خير جي ڪم ۾ دير ٿي وئي. الله سائين مون کي معاف فرمائي، واقعي مون کان اها وڏي غلطي ٿي، اصل ۾ الله تعاليٰ ڪم ڪندڙن جي دلين ۾ پاڻمرادو تقاضائون وجهي ٿو. توهان هڪڙي هفتي لاءِ اسلام قبول ڪرڻ چاهيو ٿي، ظاهر آهي تہ اها ڪا راند تہ ڪانهي، علامہ اقبال شاعر چوي ٿو.

يہ شہادت گہ الفت میں قدم رکھنا ہے
لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلماں ہونا

اسلام قبول ڪرڻ، پنهنجي خواهش ۽ پنهنجي انا (خوديءَ) کي قربان ڪرڻ آهي، ان لاءِ توهان سان فون تي ڳالهائڻ ڪافي نہ هو. تنهن ڪري الله تعاليٰ منهنجي دل ۾ فون تي ڪلمو پڙهائڻ جي ڳالهہ ڪانہ وڌي. آشا سان ڳالهائيندي مون کي اندر ۾ ائين پئي لڳو تہ جيڪڏهن هن ان وقت ئي ڪلمو نہ پڙهيو تہ شايد هڪ ٻن ڏينهن ۾ هو وفات نہ ڪري وڃي. حضرت صاحب سمجهايو تہ هاڻي هر قرباني ڏيئي ايمان کي قبر تائين ڪٽي وڃڻو آهي، ان ۾ توهان کي تڪليفون بہ اچي سگھن ٿيون. قربانيون بہ ڏيڻيون پئجي سگھن ٿيون ڪنيار کان ٺڪر جو ٿانو بہ ڪو وٺندو آهي تہ ٺوڪي وجائي ڏسندو آهي، ايڏي قيمتي ايمان واري کي بہ آزمائي سگھجي ٿو. جيڪڏهن توهين ايمان تي ڄمي بيٺا رهيا تہ موت کان پوءِ جي زندگيءَ ۾ محسوس ٿيندو تہ ڪيڏي نہ سستي قيمت تي اها نعمت ملي آهي. حضرت صاحب، گھرجي پاتين کي مون کي نماز ۽ ڪاڏي ڪائڻ جا طريقا سيکارڻ لاءِ چيو منهنجي ناني سس ۾ ڪم واري ماسي بابت بہ پڇيائين. امي جان ۽ منيره ديدي انهن کي سمجهائيندين رهيون .ٻئي ڏينهن حضرت صاحب سفر تي هليو ويو. پوءِ اسان جي واپس ٿيڻ کان بہ ڪلاڪ اڳ آيو. اسان جي

بوا ۽ ناني کي سمجھيائين تہ توھين ھن نعمت کان ڇو محروم پيون وڃو. ڪافي حد تائين تہ ھو اڳ ۾ئي تيار ٿي ويون ھيون. حضرت صاحب جي چوڻ تي ھو ڪلمو پڙھڻ لاءِ تيار ٿي ويون. کين ڪلمو پڙھايو ويو ۽ بوا جو نالو حضرت صاحب، ماريہ ۽ نانيءَ جو نالو آمنہ رکيو. خوش ۽ بامراد ٿي اسين رخصت ٿيون سين. گھرجي سڀني ماڻھن اسان کي اھڙي محبت سان رخصت ڪيو جڻ اسين ھن گھر ۾ ئي ڄايون ھجون ۽ ھن گھر جون ئي فرد ھجون. خبر ناھي تہ ڇو آئون اڄ تائين جڏھن بہ ڦلت يا دھلي ايندي آھيان تہ مون کي ائين لڳندو آھي جڻ آئون پنھنجن پيڪن آئي آھيان.

سوال : گھر وڃڻ کان پوءِ توھان جو گھر وارو وفات ڪري ويو ھو. ان وقت توھان ڪيئن محسوس ڪيو؟ وفات ڪھڙي طرح ٿي ٿورو ٻڌايو؟

جواب : حضرت صاحب مون کي چيو تہ ھاڻي پنھنجن رشيدارن سان محبت جو حق اھو آھي تہ توھين سڀني کي دوزخ جي باھہ کان بچائڻ جو اونو ڪريو ۽ پنھنجي گھر واري کي بہ اسلام ڏانھن آڻيو. ٻارن کي بہ مسلمان ڪريو. مون کي اھو بہ ٻڌايو ويو ھو تہ اسلام خاطر توھان کي ڪي آزمائشون بہ سھڻيون پونديون. مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ حضرت صاحب اھي سڀ شيون ڏٺيون پئي. اڳتي ھلي مون کي ڪن سخت امتحانن مان گذرڻو پيو. مون موٽي وڃڻ کانپوءِ پنھنجي مڙس کي سمورو احوال ٻڌايو. تہ ھاڻي آئون ھميشہ لاءِ مسلمان ٿي وئي آھيان ۽ ھن تي بہ زور پريم تہ توھين بہ مسلمان ٿي وڃو. مون کي بيحد پيائيندو ھو. پھرئين تہ ھو ائين ئي سمجھندو رھيو. پر جڏھن مون وڏيڪ زور پرڻ شروع ڪيو تہ ھن مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ مون کي بہ اسلام کان روڪڻ لڳو. آئون الله کان دعائون ڪندي ھيس. مون حضرت صاحب سان بہ فون تي ڳالھايو تہ ھڪڙي مسلمان زال ۽ ھڪڙي سک مڙس سان گڏ ڪيئن رھي سگھي ٿي؟ حضرت ٻڌايو تہ سچي ڳالھہ تہ اھا ئي آھي تہ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ توھان سان ھن جو زال مڙس وارو رستو ختم ٿي ويو آھي ۽ شادي يعني نڪاح ٽٽي ويو آھي، پر ان اميد تي توھين



اھڙي احتياط سان ھن سان رھو تہ من ھن کي ايمان نصيب ٿئي ۽ ٻارن جي زندگي، ايمان ۽ مستقبل جو مسئلو بہ حل ٿي وڃي، اھي ڳالھيون سمجھڻ کان پوءِ مون کي مڙس سان رھندي ڀوسٽ محسوس ٿيندي ھئي، روز رات جو اسان جو جھيڙو ٿيندو ھو . اڌ اڌ رات لنگھي ويندي ھئي، مون کي حضرت صاحب الله کان دعا گھرڻ لاءِ چيو . ٻڌايائين تہ تھجد جي نماز ۾ بہ دعا گھران، ھڪڙي رات ساري رات نماز پڙھندي رھيس ۽ روئيندي بہ رھيس، منھنجا الله، تنھنجي خزاني ۾ڪھڙي شيءِ جي ڪمي آھي، تون منھنجي مڙس کي ھدايت ڇو نٿو ڏيئي سگھين، منھنجي الله منھنجي دعا ٻڌي ورتي، ٻي رات جڏھن مون ھن کي مسلمان ٿيڻ لاءِ چيو تہ ھن مخالفت ڪانہ ڪئي ۽ چوڻ لڳو تہ روز روز جي جھيڙي کان آئون بہ تنگ ٿي پيو آھيان. جيڪڏھن تون ان ۾ خوش آھين تہ ھلو آئون بہ مسلمان ٿي وڃان ٿو. ھاڻي ڪر مون کي مسلمان! مون چيو تہ منھنجي خوشيءَ لاءِ مسلمان ٿيڻ تہ ڪو مسلمان ٿيڻ ناھي، پر پنھنجي پيدا ڪرڻ، دلين جا ڀيد ڄاڻڻ واري مالڪ جي راضپي لاءِ مسلمان ٿيڻ گھرجي، مون ھن کي حضرت صاحب وارو ڪتاب ” توھان جي امانت توھان جي خدمت ۾“ ڏنو. اڳي بہ مون اھو ڪتاب کيس پڙھڻ لاءِ ڏنو ھو تہ ھن اڇلائي ڇڏيو ھو. پر ان ڏينھن ھن اھو ڪتاب ورتو ۽ پڙھڻ شروع ڪيائين، سڄو ڪتاب وڏي غور سان پڙھيائين. جيئن جيئن ڪتاب پڙھندو ويو. مون محسوس ڪيو تہ سندس منھن بدلجڻ لڳو. پوءِ ھن ان ڪتاب مان وڏي سڏ تي دفعا ڪلمو شھادت پڙھيو ۽ چوڻ لڳو تہ ھي ڪلمو مون تنھنجي خوشي لاءِ نہ پر پنھنجي خوشي ۽ پنھنجي رب جي خوشي لاءِ پڙھيو آھي، اھي لفظ ٻڌي آئون بي اختيار ھن سان چنبڙي پيس، آئون بيان نٿي ڪري سگھان تہ ٻن مھينن جي لڳاتار ڪھرام کان پوءِ منھنجي گھر ۾ خوشي آئي ھئي، ٻئي ڏينھن معلوم ٿيو تہ ھن جي رو پڙ ٽرانسفر ٿي آھي، ھو اوڏانھن ويو. ھفتي کان پوءِ اتي چيف منسٽر جو دورو ھو. ھو ان جي پروگرام جي بندوبست ۾ مشغول رھيو. ھڪڙي ھنڌ جي سيڪيورٽي جو معائنو

کرڻ لاءِ ويو. ڪاليج جي بائونڊري وال وٽ هيٺ بيٺل هو. ان وقت تمام تيز هوا جو هڪڙو اهڙو سخت جهوٽو آيو جو بائونڊريءَ جو اهو حصو جنهن جي هيٺان هو بيٺل، هن جي مٿان اچي ڪريو ۽ هو پٽ هيٺان دبجي ان وقت ئي وفات ڪري ويو.

اسماء پيڻ، آئون ٻڌائي نٿي سگهان ته اهو حادثو مون لاءِ ڪيڏو نه سخت ڏکوئيندڙ هو پر الله سائين ڪرم فرمايو مون کي همت ڏنائين. جو ايمان تي ان جو اثر ڪونه پيو اندر ۾ اهو احساس منهنجي دل کي مضبوط ڪري رهيو هو ته هن اسلام قبول ڪيو هو ۽ هو جنت ۾ هليو ويو آهي. جتي ڪجهه وقت کان پوءِ مون کي به انشاء الله وڃڻو آهي. سندس گهر وارن هن جي ڪريا ڪرم (ڪفن دفن) تي وڏو گوڙ ڪيو مون چيو آئون هن جي مڙهه کي هرگز ساڙڻ ڪونه ڏينديس. آئون هن جي لاش جي وارث آهيان. مون کي اهو قانوني حق حاصل آهي، پر گهر جا سيئي پاتي ضد ڪري بيهي رهيا ته هي اسان جي خاندان جو فرد آهي، ڊي جي پي، اي ڊي جي پي، آءِ جي، ڊي آءِ جي، سڀ موجود هئا. ڪافي ڇڪتاڻ کان پوءِ طئي ٿيو ته هن جي سماڌي ناهي وڃي. ان کان پوءِ هن جي سماڌي ناهي وئي. مون هڪڙي مولانا کي سڏي هن جي جنازي نماز سماڌي ناهڻ کان پوءِ پڙهارائي.

سوال : ان کان پوءِ توهين جالنڌر اچي ويا؟

جواب : روپڙ ڇڏي آئون جالنڌر هلي آيس. حضرت صاحب کي سارو احوال ٻڌائي مون پنهنجي عدت پوري ڪئي. منهنجو پاءُ لنڊن ۾ رهي ٿو. تنهن مون کي چيو ته توهين انگلينڊ اچو مون پاسپورٽ ٺهرايو. هڪڙي ڏينهن مون خواب ۾ ڪعبو شريف ڏٺو. فون تي مون اهو خواب حضرت صاحب کي ٻڌايو . حضرت صاحب چيو ته توهان تي حج فرض آهي، پر ڪو محرم گڏ هئڻ ضروري آهي ۽ توهان جو ڪو محرم ڪونهي، تنهنڪري توهين ڪنهن ماڻهوءَ سان شادي ڪريو. مون لک ڪوششون ڪيون ته ان ڳالهه تي پاڻ کي راضي ڪريان پر ڪونه ڪري سگهيس. پوءِ



به خبر ناهي ته ڇو مون کي حج تي وڃڻ جو جنون جي حد تائين خيال پيدا ٿي پيو ان لاءِ مون قلت ۾ دهليءَ ڪيئي چڪر لڳايا پر ايجنٽن وٽان ڪا صورت نهي ڪانه سگهي، حضرت صاحب ۽ سندس گهر وارا حج تي هليا ويا ۽ آئون پويان ڦٽڪندي رهجي ويس. حج کان اها محرومي مون لاءِ امتحان بنجي پئي، آئون ڏاڍو روئندي رهيس ۽ پنهنجي الله آڏو فرياد ڪندي رهيس، ائين لڳندو هو جڻ اجهو ڪو موقعو ملي ٿو ۽ آئون حج تي ٿي وڃان. عيدالاضحيٰ کان ٽي ڏينهن اڳ جڏهن مون کي خيال ٿيو ته هاڻي حج ۾ ٽي ڏينهن باقي آهن ته تهجد جي وقت آئون روئندي روئندي بيهوش ٿي ويس. مون اڌو گابري ننڊ ۾ ڏٺو ته منهنجي مٿي تي احرام جو اسڪارف ٻڌل آهي ۽ آئون منيٰ ڏانهن پئي وڃان. مطلب ته حج جون سڀ ئي رسمون پوريون ڪيم. اک کلي پئي هوش ۾ آيس ته آئون بيان نٿي ڪري سگهان ته آئون ڪيڏي نه خوش هيس. مون ڪنهن نه ڪنهن طرح حضرت صاحب جو مڪي شريف وارو فون نمبر ورتي. ڪيس فون ڪيو ۽ وڏي خوشيءَ سان اٽڪل پنجويهه منٽن تائين ڪيس فون تي خواب واري حج جي تفصيل ٻڌائيندي رهيس، حضرت صاحب پاڻ به حيران ٿي ويو.

سوال : بابا سائين ٻڌايو پئي ته توهين گذريل سال حج تي ويا هئا؟ حج تي اسين توهان جون ڳالهيون ڪندا هئاسين ۽ افسوس به ڪندا هئاسين، جو توهين ڪونه آهيو؟

جواب : آئون الله سائين تي قربان وڃان، هن منهنجي دعا قبول ڪئي. اڳيئين دفعي ته اوڏانهن وڃڻ کان سواءِ ئي الله پاڪ حج ڪرائي ڇڏيو هو. گذريل سال مون پنهنجي هڪڙي پاءَ کي ٻاهر جو سفر ڪرائڻ يعني حج جي لالچ ڏيئي مسلمان ٿيڻ لاءِ چيو هو. مون ڪيس ٻڌايو هو ته گرونانڪ جي به ته حج تي ويو هو، بهرحال ٿورين گهڻين ڪوشش سان هو مسلمان ٿيو. ۽ اسان ٻنهي کي گذريل سان حج نصيب ٿيو الحمدلله .

سوال : ارمغان رسالي جي حوالي سان توهين عام مسلمانن لاءِ ڪو پيغام ڏيندا ؟

جواب : آئون فقط پنهن جي پيڙ عائشہ جي ڳالهہ ورجايان ٿي تہ ايمان جو قدر ڪريو ۽ ايمان جي حالت ۾ هڪڙو ڏينهن، سوين سال بنا ايمان زندگيءَ کان افضل آهي. ۽ سڀني جهانن لاءِ رحمت واري نبي صلي الله عليہ وسلم جي امتي هئڻ جي حيثيت ۾سمورن انسان کي جنت ۾ وٺي وڃڻ جو فڪر ڪريو. اسان لاءِ بہ دعاڪريو تہ سڀني جو لاڏاڻو ايمان تي ٿي - (ماهوار رسالي ارمغان سيپٽمبر 2006ع تان ورتل)



علي اڪبر راهمون

# مسلمان امت جي مادي ۽ روحاني طاقت

## ۽ سندس جي موجوده حالت زار

اڄوڪي دنيا ۾ جيتريقدر مسلمان امت ڪمزور آهي، ايتريقدر ٻي ڪابہ قوم ناهي. اوهين دنيا ۾ چو طرف نگاهہ گهمائي ڏسو تہ جتي ڪٿي مسلمان احساس محرومي ۾ ورتل ۽ سياسي، سماجي، معاشي مسئلن ۽ مشڪلاتن ۾ گهيريل نظر ايندا. رهيل سهيل ڪسر دنيا جا سامراجي سڄ سماء جا ذريعا اخبارون، ريڊيا ۽ ٽي وي چينلز پوري ڪري رهيا آهن، جيڪي مذهب اسلام ۽ مسلمان امت کي ڀيانڪ شڪل ۾ دهشت گرد، تنگ نظر، تشدد پسند، امن ۽ سلامتي لاء خطرناڪ ڪري پيش ڪري رهيا آهن. اهڙي طرح هو مسلمان امت جو سياسي، معاشي ۽ معاشرتي ميدان ۾ دائرو تنگ ڪري رهيا آهن. هن کان وڌيڪ مسلمانن جي سڀ کان وڏي بدقسمتي هيء آهي تہ اڄ مسلمان امت، نسل، زبان ۽ جاگرافيائي حدن جي بنياد تي ڪيترن ئي ٽڪرن ۽ گروهن ۾ ورهايل آهن ۽ ننڍين ننڍين ملڪن ۽ رياستن جي شڪل ۾ دنيا جي نقشي تي ٽڙ پکڙ آهن. هن وقت مسلمانن جو سڀ کان وڏو گڏيل ادارو اسلامي ڪانفرنس جي تنظيم ( او، آئي، سي ) آهي. پر ان کي بہ مسلمانن جي خود غرض حڪمرانن ۽ عالمي سامراج جي نمائيندن گهيري رکيو آهي. ۽ انهن مسلمانن جي هن عظيم اداري کي مسلمانن جي عالمگير طاقت بدران مسلمانن جي ڪمزوري ۽ مذاق بنائي رکيو آهي. اڄ هيء ادارو مسلمانن جي عالمگير ڪمزوري ۽ ذلت جي علامت بڻيل آهي. هن کان وڌيڪ ڏک جي ٻي ڳالهہ ڪهڙي هوندي؟ تہ اڄ بہ مسلمان امت جا عالم، اڳواڻ ۽ اڪابر غفلت جي ننڊ ۾ ستل آهن ۽ قومي وجود ۽ اتحاد جي حس کان وانجهيل آهن. ڇا هن جو مطلب تہ اڄوڪي دنيا ۾

عالمگير مسلمان امت جي حيثيت ڪا بہ ناهي؟ ڇا مسلمان امت اڄوڪي دنيا جي ذليل ترين ۽ ڪمزور ترين قوم آهي؟ محض ڪک پن ۽ رک جو ڍير آهي؟

هن سوال جو جواب اسان کي مسلمان امت جي عالمگير ۽ مثالي مادي ۽ روحاني طاقت جي هن جائزي مان ملي سگهندو.

اڄ عالمي برادري اٽڪل 200 رياستن تي مشتمل آهي. جن ۾ 57 رياستون مسلمانن جون آهن. هن ڳالھ جي اهيمت جو اندازو هڪڙي هن جائزي مان آساني لڳائي سگهجي ٿو تہ چيني قوم دنيا جي هڪ وڏي قوم آهي، جنهن جي آبادي لڳ ڀڳ ڏيڍ ارب آهي. پر ان وٽ صرف هڪڙو ملڪ آهي. هندو قوم بہ دنيا جي ٻيو نمبر وڏي قوم سڏائي ٿي، جنهن جي آبادي بہ هڪ ارب کان ٽپيل آهي. پر وٽس فقط بہ ملڪ آهن، ڀارت ۽ نيپال ــ مسلمان ملڪن جي گڏيل جاگرافي اٽڪل بہ ڪروڙ چورس ڪلو ميٽر آهي. چين جو رقبو 95 لک ۽ ڀارت جو رقبو 32 لک چورس ڪلوميٽر مس آهي. تنهن جي معنيٰ تہ مسلمانن وٽ هڪ چين ۽ ٽي ڀارت .

مسلمان امت وٽ معدني وسيلا بہ وڏا وڏا آهن. تيل جا معلوم ذخيرا اٽڪل سٺ سيڪڙو مسلمان ملڪن جي حدن اندر آهن. گيس جا وڏا ذخيرا اٽڪل ستر سيڪڙو مسلمانن جي هٿ ۾ آهن. سون چاندي، ٽامي، ڪوئلي ۽ يورينيم جا بي انداز ذخيرا بہ مسلمانن وٽ آهن.

واپار توڙي دفاع جي لحاظ کان سامونڊي ڪنارن تي بندرگاهون بين الاقوامي منظر نامي ۾ وڏي اهميت واريون آهن. هن سلسلي جي ٻي اهميت واري ڳالھ هي آهي تہ دنيا جون اهم سامونڊي شاهرا هون مسلمان ملڪن وٽان گذرن ٿيون. جيئن آبناء باسفورس، نهر سوئيز خليج عدن، خليج فارس ۽ آبناء هرمز اهم ترين سامونڊي شاهراهون آهن.

مسلمان امت جي هڪڙي خاص ڳالھ هيءَ آهي تہ مراڪش کان وٺي انڊونيشيا تائين اسلامي ملڪ هڪ زنجير وانگر پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ۽ جاگرافيائي لحاظ کان مسلمان ملڪ دنيا جي نقشي جي عين مرڪز ۾ واقع آهن.



دنيا جو نقشو ڏسو تہ معلوم ٿيندو هن ڌرتيءَ جي سطح تي عالمگير امت فقط هڪڙي آهي، سا آهي مسلمان امت- ڀارت هڪ هندو ملڪ آهي، ان ۾ اڄ بہ 15 کان 20 ڪروڙ مسلمان رهن ٿا. چين وارا چون ٿا تہ سندن ملڪ ۾ مسلمانن جي آبادي ڇهہ ڪروڙ کان وڌي چڪي آهي. روس ۾ مسلمان بہ ڪروڙ آباد آهن. يورپ جي سيني کان اهم ملڪ فرانس ۾ مسلمانن جي آبادي جو تخمينو 65 لک آهي. شماريات جا ماهر دعويٰ ڪن ٿا تہ فرانس ۾ اها مسلمان آبادي ٻيٽي رفتار سان وڌي رهي آهي. جرمني ۾ مسلمانن جو انگ 35 لک ۽ برطانيا ۾ 40 لک کان ٽپي چڪو آهي. سڄي يورپ ۾ اها مسلمان آبادي نهايت تيزي سان وڌي رهي آهي. هڪڙي اندازي موجب هن وقت يورپ ۾ مسلمانن جي آبادي ساڍا ٽي ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي. اها تہ مسلمان امت جي مادي طاقت جي محض هڪڙي مختصر جهلڪي آهي. جنهن جي مسلمان امت جي روحاني طاقت جي مقابلي ۾ ڪا بہ حيثيت ناهي. پوءِ ڀلا، مسلمانن جي روحاني طاقت ڇا آهي. ؟

مسلمانن جي سڀ کان وڏي روحاني طاقت سندن عقيدو توحيد آهي يا واحد خدا جو تصور آهي. واحد خدا آهي. تہ ٻئي پاسي هن عقيدي جو اثر هيءَ آهي تہ هن عقيدي رکڻ وارو انسان سمورن ڪوڙن ۽ جڙتو خدائن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺي ٿو. سندس زندگي ۾ هڪ جلال، هڪ جمال ۽ هڪ ڪمال پيدا ٿي پوي ٿو. ماڻهو مايوسي مان نڪري، اميد ۽ وسيع امڪانات جي روشن دنيا ۾ پير پائي ٿو. هن عقيدي رکڻ وارو ماڻهو پنهنجو شان مان ۽ وقار سڃاڻي ٿو. باطل خدائن آڏو جهڪڻ کان مستقل طرح ڇوٽڪارو لهي ٿو. توحيد جو عقيدو هڪ اهڙو انوکو ۽ عجيب نسخو آهي. جنهن سان هر قسم جي ڏک ڏاکڙي غم تڪليف جو علاج ڪري سگهجي ٿو. انڪري هيءُ عقيدو مسلمانن جي لاءِ تلوار بہ آهي تہ ڍال بہ ــ.

هن پسمنظر ۾ اڄوڪي دنيا جو جائزو وٺبو تہ صاف ظاهر ٿيندو. تہ چين ۾ آبادي دنيا جي سڀ کان وڏي قوم آهي، جنهن کي اڄان تائين خبر ناهي تہ سندن ڪو هڪ مالڪ خالق ۽ رازق بہ آهي. هندو ڌرم دنيا جو قديم مذهب هئڻ جي باوجود ان جا پيروڪار 33 لک ديوين، ديوتائن ۽ خدائن جي وچ ۾ گهيريل آهن. عيسائيت هڪ وڏي مذهب جي دعويدار هئڻ جي

باوجود توحيد جي تصور کي تثليث جي قالب ۾ پلٽائي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح عيسائين ان حقيقي خدا جا ٻه ٻيا شريڪ به ٺهرائي ورتا آهن. هڪ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ ٻيو روح القدس ( حضرت جبريل عليه السلام). هندستان جي ٻين قديم ڌرمن. ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جو جائزو وٺبو ته انهن وٽ خدا جو تصور نهايت مبهم بلڪ نه هئڻ برابر آهي. يهودين وٽ به هڪ خدا جو تصور ته بيشڪ موجود آهي، پر هو ان جي صفتن کي ڪماحقہ مڃڻ کان انڪاري آهن.

مسلمانن وٽ ٻي وڏي روحاني طاقت قرآن مجيد آهي. جنهن جي ذريعي مسلمانن کي حتمي طرح خدا جي مرضي معلوم آهي. هو چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته خدا ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي ۽ ڪهڙين ۾ ناراض ٿيندو آهي. مسلمان قرآن مجيد جي ذريعي شعور رکن ٿا ته خير ڇا آهي ۽ شر ڇا ۾ آهي، حلال ڇا آهي، ۽ حرام ڇا آهي، صحيح ڇا آهي ۽ غلط ڇا آهي. هو خوب ڄاڻن ٿا ته بهشت جو رستو ڪهڙو آهي ۽ دوزخ جي واٽ ڪهڙي آهي.

عيسائي دعويٰ ڪن ٿا ته اسان وٽ خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ جو ذريعو آسماني ڪتاب انجيل موجود آهي. پر حقيقت هيءَ آهي ته انجيل جو پيغام مسخ ۽ منسوخ ٿي چڪو آهي. اڄ انجيل اصلي حالت ۾ ڪٿي به ڪو نه ٿي ملي، ۽ انجيل ۾ صرف ڪجهه اهڙيون سٽون وڃي باقي رهيون آهن جيڪي سنيون سڌيون وحي چئي سگهجن ٿيون. باقي ان ۾ جيڪي ڪجهه آهي، سو حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي حوارين جون روايتون آهن. موجوده انجيل جي اصليت تاريخ جي آئيني ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿي. تاريخ جي رڪارڊ مان ثابت آهي ته انجيل وقت به وقت تحريف ۽ تبديلي جي عمل مان گذرندي رهي آهي. آخر ڪار عيسائين جي پروٽسٽنٽ فرقي انجيل جا 13 باب افسانا ۽ ڪهاڻيون چئي انجيل مان خارج ڪري ڇڏيا. يهودين جي دعويٰ آهي ته اسان وٽ خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ آسماني ڪتاب توريت جي شڪل ۾ موجود آهي. پر تاريخ شاهد آهي ته موجوده



توريت به اصلي حالت ۾ ناهي. توريت جي تحريف ۽ تنسيخ جو اندازو هن ڳالهہ مان به لڳائي سگهجي ٿو ته موجوده توريت ۾ ڪجهہ پيغمبرن تي فاش تهمتون مڙهيون ويون آهن. هندو چون ٿا ته اسان وٽ ويد آسماني ڪتاب آهن. پر انهن ۾ ڪيتريقدر اصلي مواد آهي، ۽ ڪيتريقدر اصلي ناهي، اهو ڪنهن کي به معلوم ناهي. حاصل ڪلام ته خدا تعاليٰ جي حتمي مرضي مسلمانن کان سواءِ ڪنهن به ٻي امت ۽ قوم کي معلوم ناهي. ۽ هن مان هيءَ اندازو به ٿيو ته مسلمانن وٽ اها ڪيڏي نہ وڏي روحاني طاقت موجود آهي.

هڪڙي وڏي روحاني طاقت مسلمانن وٽ سندن پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن جي حيات طيبہ ۽ سيرت پاڪ جو ڪامل نمونو آهي. اهڙو نمونو جنهن ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي مبارڪ حيات جو شروع ڪان وٺي آخر تائين پل پل جو عمل ۽ ڪردار لکت ۾ موجود آهي. اهڙو جامع، همہ گير ۽ مڪمل نمونو ڪنهن به قوم وٽ سندن مذهب جي پيشوائن جو موجود ناهي.

مسلمانن جي هڪڙي وڏي روحاني طاقت وٽن اسلام جو " تصور انسان" آهي. جنهن موجب انسان ٽن شين جو مجموعو آهي. هڪ روح ـــ ٻيو نفس ـــ ٽيون جسم. هن جي ابتڙ جديديت ۽ ما بعد جديديت سان رکندڙ نظريا ۽ سيڪيولرزم انسان کي محض جسماني حقيقت مڃيندا آهن، وٽن روح ۽ نفس جو وجود ۽ حقيقت تسليم ئي ناهي. بلڪ هنن جي وجود کان صاف صاف انڪاري آهن. هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي ته اسلام کان علاوه ٻيا سمورا مذهب پڻ انسان جي حقيقت ۾ روح نفس جا قائل آهن پر جڏهن ته گذريل مڙني مذهبن جي تعليم مسخ ۽ منسوخ ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري سندن مذهبي روايتن ۾ انسان جي روحاني ۽ نفساني ترقي جا ڪي تصور ۽ امڪان به باقي ناهن رهيا. اهو فخر فقط مذهب اسلام کي حاصل آهي جنهن ۾ اڄ به روحاني ۽ نفساني تربيت جو نظام ڪامل حيثيت ۾

موجود آهي. اسلام انسان جو روحاني خاڪو پيش ڪيو آهي، ان موجب انسان ستن روحاني درجن جو ميڙ آهي. 1- انسان جي سيني ۾ گوشت جو لوٿڙو، 2 _ گوشت جي لوٿڙي ۾ " قلب " 3 - قلب ۾ " روح " 4 - روح ۾ "فواد" 5 - فواد ۾ " خفا " 6 -" اخفا " 7 - اخفا ۾ " انا حقيقي ".

اهڙي طرح اسلامي تصوف ۽ طريقت ۾ نفس کي بہ ستن درجن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي.

1 - نفس اماره 2 - نفس لوامہ 3 - نفس مطمئنہ 4- نفس ملهمہ 5- نفس راضيہ 6 - نفس مرضيہ 7 - نفس مطلقہ.

جديد نفسيات جو علم رڳو نفس اماره جي حقيقت کان واقف آهي. يا وڌ کان وڌ نفس لوامہ بابت ڪجهہ ڄاڻ ٿو رکي. باقي ان کانسواءِ هو ٻئي ڪنهن بہ نفس جي درجي جو شعور ڪو نہ ٿو رکي. پر هن ڳالهہ ۾ بہ شڪ ناهي تہ ٻين مذهبن ۾ نفس جي انهن مڙني قسمن جو تصور تہ موجود آهي، پر انهن سڀني مذهبن جي روايت ۾ اهو تصور اهڙيطرح حقيقت ڪونہ ٿو مڃيو وڃي جهڙي طرح اسلام ۾ منڍ کان وٺي لڳاتار اهو تصور حقيقي وجود جي صورت ۾ تسليم ٿيل آهي.

مسلمانن جي هڪڙي وڏي روحاني طاقت ۽ هٿيار جهاد ۽ شهادت جو تصور آهي. هن تصور مسلمانن جي تاريخ ۾ ڪئين معجزا ۽ انقلاب ڏيکاريا آهن. جنهن جو تازو مثال افغانستان ۾ سوويت يونين ۽ سپرپاور آمريڪا جي شڪست فاش آهي. هن شڪست جي هڪڙي خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن ٻنهي مثالن ۾ مجاهدن ۽ حريفن جي مادي طاقت جو تغاوت ڪٿي فقط ۽ هڪ لک جي نسبت سان آهي. تہ ڪٿي هڪ ۽ هڪ ڪروڙ جو پاڻ ۾ مقابلو آهي. ظاهر آهي تہ اهڙي امت ڪا معمولي امت نٿي ٿي سگهي، جنهن فقط ٽيهن سالن جي مختصر عرصي ۾ ٻن سپر پاور طاقتن کي کي شڪست فاش ڏيئي ڏيکاري. ڇا اهڙو ڪارنامو روحاني طاقت کانسواء سرانجام ڏيئي سگهجي ٿو. ؟



اها تہ مسلمانن جي بي مثال مادي ۽ روحاني طاقت جي محض هڪڙي مختصر جهلڪ آهي. جڏهن محض هڪڙي مختصر جهلڪ جو حال هيءَ آهي تہ اندازو لڳايو تہ پوري حقيقت جو حال ڇا هوندو؟ هن سڄي صورتحال ۽ جائزي مان سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هيڏي وڏي اسلام جي مادي ۽ روحاني طاقت هوندي بہ اڄ مسلمان ڪمزور ڇو آهي. ؟ اڄ مسلمان مظلوم، مغلوب ۽ احساس محرومي جو شڪار ڇو آهي.؟ اڄ مسلمان امت تي جمود ۽ غفلت جي حالت ڇو طاري آهي. ؟

سنڌيڪار: عبدالهادي ٽيپو

# ڊي اين اي

## مادي نظرين کي رد ڪندڙ حيرت انگيز قدرتي معلومات

ڊي اين اي (DNA) جي معلومات تائين پهچڻ سائنس جي تاريخ جو عظيم الشان واقعو آهي. ماده (Matter) تي مدار رکندڙ ڪائنات جي تشريح، جديد دور جو هڪڙو وڏو حصو بنجي چڪي هئي، پر هاڻي جديد دور ڪانپوءِ ما بعد الجديد (post Modern) دور ۾ خود سائنس جي ذريعي اها تشريح پنهنجي پڄاڻي ڏانهن اچي رهي آهي. آخرڪار اها سائنس، جيڪا خدا جي منڪر هئي، سا هاڻي خدا جو اقرار ڪرڻ جي ويجهو اچي چڪي آهي. سائنسي دنيا هاڻي مڃي ورتو آهي تہ چارلس ڊارون جي ارتقائي نظرئي، انسانيت جا 150 سال اجايا وڃائي ڇڏيا. ڊارون جي نظرئي مطابق، مرده ۽ بيجان ايٽمن (AToms) ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجو پاڻ کي اهڙي نموني ٺاهي بيهاريو جو وقت گذرڻ سان خبر ناهي تہ ڪيئن انهن ۾ ساهہ پئجي ويو.

۽ پوءِ اهي هوريان هوريان زندگيءِ جا اڪيچار قسم اختيار ڪندا ويا، ڏار ڏار جاندارن جون شڪليون وٺندا ويا، تانجو آخرڪار پولڙن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا ۽ پوءِ اتان بہ لنگهي نيٺ انسان جي صورت ۾ وجود ورتائون.

قديم ترين تهذيبن، يونان ۾ سقراط کان اڳ، ۽ مصر ۽ بيبيلون تهذيبن ۾ بہ انساني زندگيءَ کي ڦرندڙ گهرندڙ وهم پرستيءِ جي منزلن (Stages) ۾ ورهايو ويو هو.

ان کان اڳ جو اسين ڊي اين اي جي تفصيل بيان ڪريون، اسين اهو واضح ڪرڻ چاهيون ٿا تہ هن دريافت ڪيئن نہ خدا جي ويجهو ٿيڻ جو رستو واضح ڪيو آهي. اسين اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهون ٿا تہ 19هين



صدي عيسوي ۾ ٽي زوردار آواز هُلڻ لڳا هئا، جن جا دنيا ۾ لکين پوئلڳ پيدا ٿي پيا هئا. انهن مان هڪڙو آواز ڪارل مارڪس جو هو، جنهن دنيا جي مزدورن ۽ ڪاريگرن کي متحد ٿيڻ جو پيغام ڏنو. هن جا نظريا ايڏا تہ جامع ۽ مڪمل سمجهيا ويا جو تاريخ، معاشيات، ماليات، سياست ۽ معاشرت سان گڏ علم ۽ عقل جي بيشمار عنوانن کي متاثر ڪندا ويا. اهي انقلاب برپا ڪرڻ ۽ پنهنجي دنيا پاڻ بدلائڻ وارا خيال هئا، جيڪي پنهنجي شروعاتي شڪل ۾1848\84 ع ۾ اشتراڪي منشور (Communist Manifesto) جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا. اهو ماده پرست پس منظر ۾ فقط دولت جي ورڇ تي سماجي اڏاوت جو خواب هو، جنهن جي تعبير کي روس ۾ وڏي پيماني تي آزمايو ويو هو. روءِ زمين تي هن نظرئي جا ڪروڙين پوئلڳ پيدا ٿي پيا ۽ ان نظرئي تي زندگيءَ جي اڏاوت ڪرڻ لڳا. بي خدا علمي عنوانن، روشن خيالي، عورتن جا حق، مزدورن جا حق، ٻارن جا حق وغيره جهڙن سوين خوبصورت لفظن سان جهنجهيل نعرا تيار ڪيا ويا، جيڪي عام ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ هڪ اعليٰ انصاف پسند دنيا ٺاهڻ جو جوشيلو طوفان هو، جنهن ۾ وڏا وڏا ماڻهو وهي ويا. (پر پنجهتر سالن جي تجربي ڪانپوءِ) روس جي خاتمي سان ئي ان جو بسترو بہ گول ٿي ويو. ان نظرئي جا سمورا ساٿي ۽ پوئلڳ وري پنهنجي چولي ۾ وجڻ جون واٽون ڳولڻ تي مجبور ٿي ويا.

ٻيو آواز فرائيڊ جو هو، جيڪو 1882ع ۾ شعور ۽ تحت الشعور جي بحثن سان اڀريو. هن ثابت ڪيو تہ وساريل ڳالهيون ۽ تجربا ذهن جي تحت شعور ۾ محفوظ ٿي ويندا آهن ۽ انهن کي وري ياد ڏياري سگهجي ٿو. انهن تجربن ڪرڻ لاءِ هن نفسياتي تجزئي يعني ڇنڊڇاڻ (Psycho-Analysis) جو اهو تجرباتي طريقو پيش ڪيو، جنهن جي وسيلي هن روماني دنيا جي انساني ذهن لاءِ لامحدود وسعتن ۾ ترقي ڪرڻ جا امڪان پيدا ڪري ڇڏيا، يورپ، آمريڪا ۽ ساري دنيا ۾ نفسياتي تجزين جون ليبارٽريون کلي ويون، فرائيڊ جي سڀ کان مشهور تشريح سندس لبيڊو

(Libido) نظريو هو. جنهن جا بيشمار همنوا ۽ لکين مخالف به . ساري دنيا ۾ اٿي کڙا ٿيا. لبيڊو نظرئي مطابق انسان پنهنجي اوسر ۾ پيدا ٿيندي ئي ماءُ جو کير ڏائڻ جي وقت کان وٺي موت جي آخري هڏڪي تائين، جنسي تسڪين جو تمنائي رهي ٿو . جنسي لذت جي گهٽتائي يا گهٽائي جي تجربن مطابق ئي انسان جون سموريون جسماني، ذهني، دماغي، عملي ۽ دانشمنديءَ جون سرگرميون وجود ۾ اينديون آهن. ان نظرئي کي انسان جي زندگيءَ جي سمورين سرگرمين تي حاوي ڪرڻ لاءِ ڪوششون عالمگير سطح تي ڪيون ويون. پر اها خودپسندي (Narcissism) هئي يعني اها نفسياتي ڪيفيت، جنهن ۾ انسان پنهنجي ذات کي ڪامل سمجهڻ ۽ خود پنهنجي ذات جي عشق ۾ غلطان رهڻ کي ڪافي سمجهي ٿو . پنهنجن جسماني لذتن هٿ ڪرڻ ۾ گم ٿيڻ ۽ ان کي زندگيءَ جو مرڪز بنائڻ ۽ ڪائنات جو مقصد سمجهائڻ وارن لاءِ هيءُ ايڏو ته زوردار پڙاڏو هو جو اهو مختلف نالن سان 19هين صدي تائين هُلندو رهيو. پر 21 هين صدي ايندي ئي غلط ۽ بي بنياد ثابت ٿيو.

ٽيون آواز ڊارون جو هو. جنهن انسان کي پولڙن جو مائٽ مشهور ڪيو ۽ ان فلسفي جا شيدائي به گهر گهر پيدا ٿي پيا.

2000ع ۾ مختلف تجربا ڪيا ويا. جڏهن روشنيءَ جي رفتار کي ڪيترائي ڀيرا وڌايو ويو ته سائنس دان اهو ڏسي حيران ٿي ويا ته ان تجزيي دوران اثر (Effect)، سبب (Cause) کان اڳ ظاهر ٿي ويو . ان تي هڪڙي اخبار لکيو ته اهو ثابت ٿي ويو آهي ته ڪنهن به سبب کان اڳ، ان جو اثر ظاهر ٿيڻ ممڪن آهي. هيستائين ته اهو خيال سائنسي دنيا ۾ حقيقت جي حيثيت سان عام هو ته اثر يا نتيجو يا حاصلات لاءِ ان جو سبب يا علت هئڻ ضروري آهي. يعني نتيجو ، سبب کان پوءِ ئي ممڪن آهي. پر هي تجربو ثابت پيو ڪري ته ڪنهن واقعي جي پڇاڙي جو، ان جي شروعات کان اڳ ظاهر ٿيڻ به ممڪن آهي .



ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته واقعو خود پنهنجو پاڻ ۾ هڪ تخليق (Creation) آهي، اهو ڪنهن ٻئي واقعي جو ردعمل ڪونهي. هيستائين اهو پئي چيو ويو هو ته هر عمل، ڪنهن ٻئي عمل جو ردعمل آهي يا اهو ته Thers is a reaction to Every Action.

25 جون 2000ع تي اهو به ثابت ٿيو ته هڪڙي قديم جهرڪي جو فاسلز (Fossil) جيڪو لکين سالن کانپوءِ دريافت ٿيو . سو به ساڳئي طرح ئي جهرڪي هو . يعني لکين سال اڳ کان وٺيءَ اڄ تائين. ان جهرڪيءَ ۾ڪابه ارتقاء (Evolution) ڪانه ٿي. اڄوڪي جهرڪي به بلڪل ساڳئي جهرڪي آهي. جيڪا لکين سال اڳ هئي 2008ع ۾ انساني جينوم (Genome) پراجيڪٽ مڪمل ٿيو. جنهن ۾ زندگيءَ جي حياتياتي ميڪ اپ (Biological makeup) جو مڪمل نقشو تيار ڪيو ويو. جيڪو هن صديءَ جو هڪڙو تمام وڏو سائنسي ڪارنامو آهي. هن پراجيڪٽ جي نتيجي ۾ اها ڳالهه اڃا به وڌيڪ واضح ٿي وئي آهي ته خدا جي تخليق جيڪا انسان جي شڪل ۾ موجود آهي، سا زنده شين ۾ سڀ کان عظيم تخليق آهي. ارتقاء جا ماهر ڪوشش ڪن پيا ته انساني جين (gene) ۽ جانورن جي جين ۾ مشابهت جي افواهه پکيڙي ڪجهه مواد پنهنجي مطلب جو ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿين. پر حقيقت هن ريت آهي ته دانشورن ۽ سائنسدانن جو هڪڙو وڏو تعداد تخليق جي نظرئي (Creationist) جو حامي ٿيندو پيو وڃي، جيڪي مڃين ٿا ته هي دنيا ڪنهن عظيم طاقت جي تخليقي قوت سان وجود ۾ آئي آهي، ۽ درجي بدرجي ترقي جا مرحلا طئي ڪري پنهنجي موجوده حالت کي نه رسي آهي. اڳتي هلي جيڪا مختصر تفصيل اسين بيان ڪندا سين. تنهن جي روشنيءَ ۾ توهين پاڻ اندازو ڪري سگهندا ته خدا کان منهن موڙيندڙ سائنس، هاڻي پنهنجي پڇاڙي کي پهچڻ واري آهي ۽ 21 هين صدي جي انسان کي پنهنجي وڃايل خدا سان وري ملائي ڇڏيندي.

### ڊي اين اي زندگيءَ جو ڪوڊ

ڊي اين اي ۾ موجود الله جو حڪم جڏهن سائنسدانن جي سمجهه ۾ اچڻ لڳو ته سڀ کان اڳ اهو مڃيو ويو ته زنده شيون ايڏيون ته مڪمل ۽ پيچيده ترتيب ۽ ترڪيب جو مرڪب آهن، جو اهي ڪنهن حادثي جي ڪري اوچتو يا ڪنهن اتفاق جي ڪري وجود ۾ اچي نٿيون سگهن، جيستائين انهن ۾ ڪنهن زبردست ماهر ۽ قادر مطلق ۽ بنائڻ واري جو هٿ شامل نه هجي. جيڪڏهن ڪنهن هنڌ سرون، پٿر، گارو، مٽي، غاليچا، ايئرڪنڊيشنر، ٽي وي، ريفريجريٽر، ۽ ٻيو سڀ رهائشي سامان موجود هجي ۽ پوءِ اوچتو ڪو حادثو يا اتفاقي واقعو اهڙو ٿي پوي جو اهي سيئي شيون گڏجي بادشاهه سلامت جو محلات بنجي پون، ته اها ڪا جادوئي آکاڻي ته ٿي سگهي ٿي، پر ڪا سائنسي حقيقت ڪڏهن به ٿي نٿي سگهي. هاڻي ڊي اين اي ۾ لڪل ٽي بلين يا ٽي ارب ڪيميائي اکرن کي (Decode) ڪرڻ ۽ انساني ڊي اين اي ۾ موجود 85 سيڪڙو ڊيٽا، صحيح ترتيب ۽ سلسلي (Sequence) ۾ رکڻ ممڪن ٿي پيو آهي. ايڏو اهم ۽ ڪامياب پروجيڪٽ به ، سندس ليڊر ڊاڪٽر فرانس ڪولنز (DR. Francis collins) جي چوڻ مطابق ان ڏس ۾ اڃا پهريون قدم کنيو ويو آهي، جيڪو ڊي اين اي ۾ ڳجهي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ کنيو ويو آهي. معلومات جي ان ڀنڊار کي هٿ ڪرڻ ۾ ايترو زمانو ڇو لڳو ؟ ان سوال جو جواب تڏهن ملندو ، جڏهن اسين اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته ڊي اين اي ۾ ڪهڙي قسم جي معلومات لڪائي ويئي آهي.

### ڊي اين اي جي دنيا

ڊي اين اي سان جي بدن جي 100 ٽرلين خلين مان هر هڪ خليي جي مرڪز (Nocleus) ۾ وڏي حفاظت سان رکيل آهي. هر خليي جو قطر 10 مائيڪرون (Micron) هوندو آهي. هڪ مائيڪرون 6-m10 کي چون ٿا. مطلب ته هڪ ميٽر جو ڏهه لکون حصو يا ملي ميٽر جو هڪ هزارون حصو .



ايڏي ننڍي خليي جي وچ ۾ ڊي اين اي محفوظ هوندو آهي. ان ڊي اين اي ۾ انساني جسم جي بناوت جون تفصيلي ڳالهيون ايتري ته گهرائي، گيرائي ۽ وسعت سان لکيل آهن جو ان جو وجود الله رب العزت جي ڪاريگريءَ جو پنهنجو مثال پاڻ آهي، پنهنجي سمجهڻ لاءِ انهيءِ معلومات کي فقط ترتيب ڏئي رکڻ ۾ ئي انسان خوشي ۾ نه پيو ماپي. ان کي علم جي هڪڙي عظيم الشان شعبي سان ڳنڍي ان کي علم جينيات (Genetics) جو نالو ڏنو ويو آهي. 21هين صدي جو هيءُ ننڍڙو علمي حصو اڃا ريڙهيون پائڻ جي عمر ۾ آهي. هن ميدان ۾ اڃان خبر ناهي ته ڪهڙا ڪهڙا نه انڪشاف ٿيڻ وارا آهن.

### ڊي اين اي ۾ زندگي

اڄ مثال طور 25 سالن جي عمر ۾ اسين پنهنجو قد بت ۽ منهن مهانڊو ڏسون ٿا، ته هي سهڻو بدن، هي حسين ۽ من موهيندڙ شڪل ۽ شباهت، هي صحت ۽ تندرستي، هي علم ۽ دانش سان ڀرپور ذهن ۽ عقل، آخر ڪيئن ترقي ڪندي ڪندي هن حالت کي پهتا آهن. حقيقت ۾ اهو علم 25 سال 9 مهينا اڳ ان ڊي اين اي ۾ لکي ڇڏيو ويو هو، جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ سڀ کان اڳ بارآوار ٿيل بيضي (Fertilized Egg) ۾ هڪ خُليي جي شڪل ۾ سرجيو هو .

نه فقط ايترو، پر اسان جي ڊيگهه، اسان جي ويڪر، اسان جو وزن، اسان جو منهن مهانڊو، اسان جو نڪ نقشو، اسان جا وار، اسان جن اکين جو رنگ، اسان جي چمڙي جي رنگت، اسان جي رت جو گروپ جسم جي اڏاوت ۾ ڪم ايندڙ شين ۾ انهن جي ڪم جي تفصيل ، نطفي تيار ٿيڻ سان ئي شروع ٿي ويندي آهي ۽ موت تائين روز بروز، ماهه به ماهه، سال بسال ڪهڙيون تبديليون اينديون، تن جو احوال به هڪ مڪمل سلسلي مطابق ڊي اين اي ۾ موجود هوندو آهي. مثال طور ڊي اين اي ۾ لکيل هوندو آهي ته ان ماڻهوءَ جو بلڊ پريشر ڪڏهن وڌي ويندو ۽ ڪڏهن گهٽجي ويندو .

مٿي جو پهريون وار ڪڍڻ ڪاري مان ڦري اچو ٿيندو ۽ ڪڍڻ پري جي نظر يا ويجهي جي نظر ڪمزور ٿي ويندي.

**انساني خُليي اندر تمام وڏو انسائيڪلوپيڊيا**

اسين انساني معلومات جي اپٽار کي ڪتابي شڪل ڏيئي ان کي انسائيڪلوپيڊيا جي نالي سان سڏيندا آهيون. پر واضح هجڻ گهرجي ته ڊي اين اي جو معلوماتي ذخيرو به ڪو معمولي ذخيرو ڪونهي. هڪڙي ڊي اين اي ۾ موجود معلومات کي جيڪڏهن ڪتابي صورت ۾ آندو وڃي ته انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا جي صفحن جيڏن ڏهن لکن صفحن جي ضرورت پوندي .

ٿورو تصور ته ڪريو ته انساني جسم جي هڪ سئو ٽريلين خلين مان هر هڪ خليي جي مرڪز اندر هڪڙو ماليڪيول (Molecule) هوندو آهي جنهن جو نالو ڊي اين اي آهي. ان جي ماپ هڪ ملي ميٽر جو هڪ هزارون حصو آهي ۽ ان ۾ اها معلومات درج ٿيل آهي. جيڪا دنيا جي سڀ کان وڏي انساني انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا کان چاليهوٽي وڌيڪ معلومات آهي. جيڪا انهيءَ انساني انسائيڪلوپيڊيا جي جلدن جهڙن 920جلدن ۾ سمائجي سگهي ٿي. جنهن ۾ معلومات جي بيشمار عنوانن بابت پنج بلين جزا (Pieces) محفوظ آهن. جيڪڏهن هڪڙي جزي کي پڙهڻ لاءِ فقط هڪڙو سيڪنڊ لڳائجي ۽ چوويهه ڪلاڪ لڳاتار پڙهڻ جو سلسلو هلندو رهي ته رڳو هڪڙو دفعو پڙهڻ لاءِ انسان کي هڪ سئو سال لڳي ويندا. 920 جلدن کي جيڪڏهن هڪٻئي جي مٿان سٽي رکجي ته 70 ميٽر اوچو ڪتابن جو منارو ٺهي پوندو. اها سموري معلومات ان ذرڙي ۾ سمويل آهي. جيڪو پروٽين، چربي ۽ پاڻي جي چند ماليڪيولن جو مرڪب آهي.

جي جي ٿامسن لکيو هو ته اسان جي زمين تي سموريون جيئريون وٿون هڪ هزار ملين آهن. انهن سڀني شين جي معلومات ڊي اين اي جي شڪل



۾ جيڪڏهن هڪ هنڌ گڏ ڪري رکجي ته هوند چانهن جي چمچي ۾ اچي وڃي، پر اجان به ٿوري جاءِ خالي بچندي.

**خليي ۾ دانائي**

انساني بدن جا سمورا هڪ سئو ٽرلين خليا عجب حڪمت ۽ دانشمنديءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا. اهي ظاهر ۾ بيجان ۽ مرده ايٽمن جو مجموعو ۽ هڪ بي روح شيءِ هئڻ گهرجي. اسين جيڪڏهن سڀني عنصرن (Eiements) جا ايٽم گڏ به ڪريون ۽ انهن کي ڪنهن ترتيب سان به رکون، پر اهو دماغ، اها سمجهه انهن ايٽمن جي ڍڳ مان حاصل ڪري نٿا سگهون. جيڪا ڪنهن به عمل کي سهڻي نموني سهيڙي، هڪڙي سلسلي ۾ ترتيب سان سرانجام ڏيڻ لاءِ ضروري آهي. جيئن هر عقلمندي ۽ سمجهداري سان ڪيل ڪم لاءِ ضروري آهي. ته ان عمل کي ڪنهن عقلمند ۽ سمجهو ماڻهو سرانجام ڏنو هجي. پوءِ پلي اهو ڪمپيوٽر هجي يا ڪا ٻي مشين يا ڪو ٻيو ڪم. ساڳئي طرح ڊي اين اي به پنهنجي ٺاهڻ واري وٽان عقل، دانش ۽ سمجهه وٺي آيو آهي.

**ڊي اين اي جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو طريقو**

اسان جي ٻوليءَ ۾ ”الف“ کان ”ي“ تائين هجي ڪرڻ جا 52 اکر آهن. انگريزي ٻوليءَ ۾ A کان Z تائين 26 اکر آهن. پر ڊي اين اي جي ٻوليءَ ۾ مورڳو چار اکر آهن يعني A.T.G.C انهن اکرن مان هر هڪ اکر انهن خاص بنيادن (Bases) مان هڪ هوندو آهي جيڪي نيوڪليو ٽائيڊس (Nucleotides) سڏجن ٿا. لکين بنياد (هڪ ڊي اين اي اندر قطارن جي شڪل ۾ هڪ بامقصد ترتيب سان موجود هوندا آهن. ۽ اهي سڀئي گڏجي ڊي اين اي جو هڪڙو ماليڪيول ٺاهيندا آهن.

ATG ۽ C مان ڪي به اکر گڏجي هڪڙو جوڙو ٺائيندا آهن. جنهن کي بنيادي جوڙو (Base Pair) چئبو آهي. اهي ئي جوڙا هڪٻئي مٿان سٽجي جين (Gene) بنجي ويندا آهن. هر هڪ جين، جيڪو ڪنهن

ماليڪيول جو ننڍڙو حصو هوندو آهي، تنهن ۾ انساني بدن جي ڪنهن نه ڪنهن حصي جي باري ۾ معلومات محفوظ هوندي آهي. ان معلومات ۾ ان بدني حصي جون خاص خاص ڳالهيون، ظاهري حالتون ، قد بت، منهن مهانڊو ، شڪل صورت، رنگ روپ، مطلب ته اهي سڀ شيون جيڪي ان ماڻهو کي انفراديت عطا ڪن ٿيون، اهي سموريون ڳالهيون ان جين ۾ درج هونديون آهن. ڪنهن به انسان ۾ بيشمار خاصيتون هونديون آهن، هي ڊگهو قد، هي اکين جو رنگ، هي اکين جي مٿان ڀُرن جي ڪمان، هي ڪنڊو نڪ، يا ڪنن جو ننڍو ، وڏو هئڻ اهي سڀ ڳالهيون جين ۾ موجود پروگرام مطابق ٺهنديون يا ڍهنديون وينديون آهن، ۽ بدن جو هر حصو جين جي حڪم مطابق اڏجي ۽ وڌي ويجهي ٿو .

هڪڙي انساني خليي جي هڪڙي ڊي اين اي ۾ ٻه لک جين هوندا آهن. هر جين، خاص نيوڪليو ٽائيڊن جي بلڪل انفرادي قسم جي ترتيب مان ٺهيل هوندو آهي، انهن نيوڪليو ٽائيڊن جو تعداد، پروٽين جي ان قسم تي مدار رکي ٿو جنهن مان اهي ٺهيل هوندا آهن. پروٽين جو اهو تعداد هڪ هزار کان وٺي هڪ لک ڇهاسي هزارن تائين به ٿي سگهي ٿو . ان جين ۾ انساني بدن ۾ موجود ٻن لکن قسمن جي پروٽين جو ڪوڊ به لڪل هوندو آهي. ۽ اهو نظام ۾ موجود هوندو آهي، جنهن جي ڪري سمورا پروٽين، ضرورت مطابق بدن ۾ پيدا ٿيندا رهندا آهن.

واضح هئڻ گهرجي ته جين ويچارو ڊي اين اي جو فقط هڪڙو معمولي حصو هوندو آهي.

ٻن لکن جينن ۾ محفوظ معلومات يا ڪوڊ، ڊي اين اي ۾ موجود ڪُل معلومات جو فقط 3 سيڪڙو هوندو آهي. ستانوي سيڪڙو علم جو دفتر اجان اسان جي ڄاڻ جي حدن کان ٻاهر ۽ رازن جي پردي ۾ ويڙهيل آهي. اها ڳالهه ته تسليم ڪئي وئي آهي ته اهو ستانوي سيڪڙو علم جو دفتر ، جنهن تائين اجان تائين انسان پهچي ڪونه سگهيو آهي، انساني خليي جي بقاء ۽



ڪم ڪرڻ جي ميڪانيت (Mechanism) جي باري ۾، انساني بدن ۾ بيحد پيچيده عاملن کي ڪنٽرول ڪرڻ جو باعث بڻجندو آهن، ۽ بيحد ضروري معلومات رکندڙ هوندو آهي. رڳو "3 سيڪڙو معلومات جي خبر پوڻ تي انساني عقل چرخ ٿي ويو آهي، فڪر ۽ دانش کي ماٺ لڳي وئي آهي. ستانوي سيڪڙو لڪل معلومات کي کولڻ، اجان ڊگهو سفر آهي، پر جاري آهي.

جين پاڻ به ڪروموسومن (Chromosoms) ۾ موجود هوندا آهن. جنسي خليي کانسواءِ هر انساني خليي ۾ 46 ڪروموسوم هوندا آهن. هر هڪ ڪروموسوم، معلومات سان ٽمٽار هڪڙي وڏي ڪتاب وانگر آهي. چڻ ڪنهن به انسان بابت سموري معلومات 46 جلدن واري وڏي ڪتاب ۾ بند ٿيل هوندي آهي، ۽ ان وسيع معلومات جي خزاني کي جيڪڏهن واقعي ڪتابي شڪل ۾ لکيو وڃي ته هوند انسائيڪلوپيڊيا يا برٽينيڪا جهڙن 920 جلدن ۾ مس سمائجي.

هر انسان جي ڊي اين اي ۾ اکرن A.T.G ۽C جا سلسلا (Sequence) مختلف هوندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو روءِ زمين تي اڄ تائين جيترا به انسان پيدا ٿيا آهن ۽ قيامت تائين جيترا به ماڻهو پيدا ٿيندا، سي سڀ هڪ ٻئي کان مختلف هئا ۽ هوندا.

ٿورو سوچيو ته سهي هر انسان جي عضون جا نالا ڌار ڌار نه آهن، يعني اک، نڪ، ڪن، وات، دل وغيره سيني ماڻهن جا هوندا آهن. تنهن هوندي به هر انسان جون ڪي اهڙيون خاص انفرادي ۽ اهڙيون تفصيلي ڳالهيون آهن جيڪي پيدا ٿيڻ سان ئي ڌار ڌار آهن. اهي سڀ جون سڀ هڪڙي خليي جي تقسيم در تقسيم واري عمل مان لنگهڻ، وڌڻ ويجهڻ يا وڏي ٿيڻ جي باوجود هڪ جهڙي بناوت هوندي به هڪٻئي کان مختلف آهن.

اسان جا سمورا عضوا ان زبردست رٿابندي هيٺ وڌن ويجهن ٿا، جيڪا اسان جي جين ۾ لکيل آهي. سائنسدانن جيڪو خاڪو ٺاهيو آهي،

ان ۾ بدن جي مختلف عضون کي ڪنٽرول ڪرڻ وارن جينن جو تعداد مختلف آهي. مثال طور اسان جي کل کي جيڪي جين ڪنٽرول ڪن ٿا تن جو تعداد 2559 آهي. اهڙي طرح دماغ کي ڪنٽرول ڪندڙ جينن جو تعداد 29930، اک کي 1794، وات جي پاڙي کي 186، دل کي 6216، سيني کي 4001، ڦڦڙن کي 11581، جيري کي 2309، آنڊن کي 3828، دماغي مشڪن کي 1911، ۽ رت جي سيل کي 2292 جين ڪنٽرول ڪن ٿا.

ڊي اين اي جي اکرن جو ترتيبي جوڙجڪ، انساني بناوت جي سموري تفصيل طئي ڪندو آهي. ننڍي ۾ ننڍي ترتيب به هن جي عمل دخل کان ٻاهر نه آهي. نه رڳو اک، نڪ، منهن ۽ ظاهري حسن ۽ جمال جي ڳالهه آهي پر هڪ سيل ۾ موجود ڊي اين اي، انساني بدن ۾ موجود 206 هڏن، 600 مشڪن ۽ ڏهه هزار ٻُڌڻ جي مشڪن (Auditory muscles) جي نيٽ ورڪ ۽ 20 لک اکين جي تنتن (Optic Nerves) ۽ 100 بلين تنتي خلين (Nerve cells) ۽ بدن جي سيني هڪ سو ٽرلين خلين جي مڪمل ڊزائين پنهنجي اندر ۾ رکي ٿو.

ايڏي وسيع سمنڊ جو اندازو لڳايو ۽ ڪائنات جي علم جي سڀ کان پيچيده (Complicated) مشين "انسان" جي بدن، عقل، فهم ۽ ادراڪ جي وڌڻ ويجهڻ جو علم حيرت انگيز نموني هڪڙي ڊي اين اي ۾ قطارن اندر رکيو ويو آهي. اها به حقيقت آهي ته جيڪڏهن ڊي اين اي جي اکرن جي ترتيبي سلسلي (Seqvence) ۾ تر جيترو به نقص رهجي وڃي ته پوءِ ممڪن آهي توهان جون اکيون منهن ۾ هئڻ جي بدران گوڏن ۾ ظاهر ٿين، ۽ توهان جو ، نڪ، ڪن، هٿ، پير ، مٿو چيلهه هاڻوڪين جاين تان هٽي ڪنهن ٻي جڳهه تي اچي وڃن. ڊي اين اي جو اهو مڪمل جوڙجڪ يا نظارو توهان جي بي عيب قد بت ۽ هر طرح مڪمل انسان هئڻ جو ضامن آهي.

فرينڪ سالسبري (Frank Salisbury) جيڪو پاڻ به ارتقاء کي مڃيندڙ سائنسدان آهي، چوي ٿو ته هڪڙي وچولي درجي جي پروٽين ۾ ٽي سو کن امينو ايسڊس (Amino Acids) هوندا آهن. انهن کي ڪنٽرول



ڪرڻ لاءِ ڊي اين جي جين ۾ اٽڪل هڪ هزار نيوڪليوٽائيڊن جي هڪڙي زنجير هوندي آهي. جيئن ته ڊي اين اي جي هڪڙي زنجير ۾ چئين قسمن (C.G.T.A) جا نيوڪليوٽائيڊ هوندا آهن، تنهن ڪري سولنگ واريون قطارون 41000 قسمن جون هونديون آهن. الجبرا جي حساب مطابق (Logrithms) جي استعمال ڪرڻ سان 41000 جو مطلب اهو ٿيو ته 10.600، يعني 10 کي 10 سان 600 دفعا ضرب ڪرڻ سان، يعني هڪ ڪانپوءِ 600 ٻڙيون ڏيڻ سان جيڪو انگ ٺهندو ، اهو عدد اهڙو آهي جنهن جو فقط تصور ئي ڪري سگهجي ٿو.

وڌيڪ وضاحت هن طرح ٿي سگهي ته جيڪڏهن اهو ڪٺي مڃجي ته سڀيئي ضروري نيوڪليوٽائيڊ به موجود آهن، انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ٻيهارڻ وارا سمورا پيچيده ماليڪيول ۽ اينزائيم (Enzymes) به هڪيا ڪيا ويا آهن، ته پوءِ به انهن نيوڪليو ٽائيڊن جي صحيح نموني (Sequence)ترتيب ۾ ظاهر ٿيڻ جو امڪان 10.600 مان فقط هڪڙو آهي. ان کي ناممڪن چئون ته به گهٽ آهي.

فرانس ڪرڪ (Francis Crick) کي ڊي اين اي تي تحقيق ڪرڻ تي نوبل انعام سان نوازيو ويو هو. هي پاڻ به پڪو ارتقاء جو حامي هو ، پر هاڻي چوي ٿو ته:

"هڪڙو انصاف پسند ماڻهو ، ان معلومات جي روشني ۾، جيڪا هيستائين اسان وٽ موجود آهي، فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته هڪ خاص معنيٰ ۾، انساني زندگيءَ جو شروعات هن وقت هڪڙو ڪرشمو ئي محسوس ٿئي ٿي."

خبر هئڻ گهرجي ته ، ٻارن ۾ (Haemophilia Leukemia) بيماري ڊي اين اي ڪوڊ ۾ ڪنهن خرابي جي ڪري ٿيندي آهي. ڪينسر جا سمورا قسم انهن نازڪ توازن ۾ گڙ ٻڙ جي ڪري ٿيندا آهن. اها خرابي ڪنهن به

ڊي اين اي جي ڪنهن به بنيادي جوڙي ۾ توازن نه هئڻ جي ڪري ٿيندي آهي. هيءَ خرابي C.G.T.A اکرن ۾، مثال طور هڪ بلين 618 ملين 457هزار ۽ 632 هين بنيادي جوڙن ۾ ٿي سگهي ٿي. ايڏي گهڻي تعداد ۾ بنيادي جوڙا، هر خليي ۾ ڊي اين اي ۾ سيني ننڍڙ ڍهندڙ ۽ تقسم در تقسيم ٿيندڙ خلين ۾ توازن برقرار رکڻ جو انتظام به ڊي اين اي ڪوڊ ۾ ٿئي لکل هوندو آهي.

**ڊي اين اي جو پنهنجو نقل پاڻ تيار ڪرڻ**

ڊي اين اي جي حيرت انگيز دنيا ۾ پنهنجو نقل (Self Replication) تيار ڪرڻ جو عمل به تمام تيزيءَ سان جاري رهندو آهي. اها ته سيني کي خبر آهي ته انساني جسم جي شروعات، ماءُ جي پيٽ ۾ هڪڙي خليي وسيلي ٿيندي آهي. پوءِ اهو خليو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو آهي ۽ نوان خليا وجود ۾ ايندا ويندا آهن اهي هڪ مان ٻه، ٻن مان چار ۽ اهڙي طرح 4-8-16-32-64-128 جي نسبت سان ورهائجي جنم وٺندا ويندا آهن.

هڪڙو خليو ورهائجي ٻيو خليو ناهيندو آهي ۽ هر خليي کي هڪڙو ڊي اين اي گهرجي، پر ڊي اين اي جي زنجير، خليي ۾ فقط هڪڙي هوندي آهي. ان ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ هر ورهائجي ويندڙ خليو پنهنجو هم شڪل پاڻ پيدا ڪندو آهي. هر خليو هڪڙي خاص سائز جو هوندو آهي. هر خليو، پاڻ تقسيم ٿي ٻيو خليو بنائڻ جو فيصلو به پاڻ ڪندو آهي. خليي ۾ آخر اهو شعور ۽ اهو ايقان ڪٿان آيو؟ خليي سان گڏوگڏ ڊي اين اي جي ورهائڻ جو اهو عمل به ڏاڍي دلچسپ طريقي سان ٿيندو آهي.

ڊي اين اي جو ماليڪيول ، جيڪو شڪل ۾ هڪ گول چاڙهي وانگر هوندو آهي، ورهائجي ٻن حصن ۾ زپ (Zip) وانگر کلي ويندو آهي. ٻنهي پاسن کان اڌورن (ڪٽيل) حصن، وٽ موجود مادو اڳتي وڌي، انهن سان



ڳنڍجڻ شروع ٿي ويندو آهي ۽ آخر ڪار اهي حصا مڪمل ٿي ويندا آهن ۽ هڪ مان ٻيو ڊي اين اي پنهنجي مڪمل شڪل ۾ وجود ۾ اچي ويندو آهي. ورڇ جي هر دور ۾ خاص پروٽين ۽ اينزائيم، بيحد ماهر روبوٽن (Robots) وانگر ڪم ڪندا رهندا آهن. انهيءَ تبديلي جي تفصيل بيان ڪرڻ ممڪن ته آهي پر ان لاءِ چڱا خاصا گهڻا صفحا گهرجن.

اينزائيم (Enzymes) اهي ڪاريگر آهن جيڪي هر دم چيڪنگ ڪندا رهندا آهن ته ڪا غلطي ته ڪا نه ٿي آهي، جنهن کي هو بنا دير سڌاري ڇڏيندا آهن. هر منٽ ۾ ٽي هزار جوڙا پيدا ٿيندا آهن ۽ انهن جي نگراني ڪرڻ وارا اينزائيم پاڻ مرادو انهن ۾ ضروري سڌارو يا رد بدل به ڪندا ويندا آهن ته جيئن نون پيدا ٿيندڙ ڊي اين اي ۾ غلطيءَ جو ڪو امڪان نه رهي. ان ڪم لاءِ ڊي اين اي جي حڪم سان مرمت ڪرڻ وارا وڌيڪ اينزائيم پيدا ٿيندا رهندا آهن. اهڙي طرح ڊي اين اي ۾ خود پنهنجي حفاظت جو، پنهنجي نسل جي واڌ ويجهه جو ۽ پنهنجن نسلن کي محفوظ ۽ برقرار رکڻ جو مڪمل پروگرام ڪوڊ ٿيل هوندو آهي.

هاڻي ڏسو ته خليا پيدا ٿين ٿا ۽ مري وڃن ٿا. توهان جي جسم ۾ جيڪي خليا ڇهه مهينا اڳ موجود هئا، تن مان اڄ هڪڙو به ڪونهي. انهن جي عمر تمام ٿوري هوندي آهي. منهنجا سڀ خليا مري ويا آهن، پر آئون جيئرو آهيان، ڇو ته منهنجي هر خليي، بروقت پنهنجو همزاد پيدا ڪرڻ جو عمل پورو ڪري ڇڏيو آهي. اهو عمل ايڏي ته مهارت ۽ هوشياريءَ سان مڪمل ٿيندو آهي جو ڪنهن به غلطيءَ جو امڪان ٽن بلين بنيادي جوڙن مان فقط هڪ ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ اها غلطي به بيحد ٽيڪنيڪي مهارت سان سڌاري ڇڏي ويندي آهي.

سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ڳالهه هي آهي ته اهي اينزائيم جيڪي پل پل ۾ ننڍا ۽ ڍهندا ۽ ڇڙوڇڙ ٿيندا ۽ گڏ ٿيندا رهندا آهن، ۽ ڊي اين اي کي

پيدا ڪرڻ جي ذميواري ٻـ نڀائيندا آهن، سي اصل ۾ مختلف قسم جا پروٽين هوندا آهن، جن جي پيدا ٿيڻ جي ترتيب ۽ سلسلو ٻـ ساڳئي ڊي اين اي ۾ ڪوڊ ٿيل هوندو آهي، ۽ ڊي اين اي جي حڪم جي تابعداري هيٺ انهن جو نظام هلندو آهي، جنهن جي واڌ ويجهہ جي سارسنڀال انهن ڪي ئي ڪرڻي پوندي آهي. ’